جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC
CARTL
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر:
حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر:
سيد گل شاهه
جلد 17 | چنڇر 14 نومبر 2026ع بمطابق 03 جمادي الثاني 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 34

محبت ڀريي معاشري جي جوڙجڪ لاءِ همدردي ۽ سنوورتاءُ اٽڙ آهن: مراد علي شاهه

مهرباني ۽ همدردي جهڙيون خوبيون معاشري ۾ محبت، امن ۽ پائيچاري کي هٿي ڏين ٿيون سنڌ صوفين جي ڌرتي آهي جتي همدردي ۽ مهرباني اسان جي صدين پراڻين روايتن جو حصو آهي

هن خبردار ڪيو ته عدم برداشت ۽ بي حسي معاشري ۾ نفرت، تڪرارن ۽ دورين کي جنم ڏئي ٿي تنهن ڪري اسان کي نفرت ۽ خود غرضي بدران همدردي، ايثار ۽ خدمت جي جذبي کي هٿي ڏيڻي پوندي

هڪٻئي جي عزت ڪن، ضرورت مندن جي مدد ڪن ۽ ٻين لاءِ آسانيون پيدا ڪن. پنهنجي پيغام جي پڄاڻي تي هن ان عزم جو اظهار ڪيو

پنهنجي پيغام جي پڄاڻي تي هن ان عزم جو اظهار ڪيو ته اچو ته نيڪي، محبت ۽ مهرباني کي پنهنجي روزمره جي زندگي جو مستقل حصو بڻايون

سنڌ صوفين جي ڌرتي آهي جتي همدردي ۽ مهرباني اسان جي صدين پراڻين روايتن جو حصو آهي. هن خبردار ڪيو ته عدم برداشت ۽ بي حسي معاشري ۾ نفرت، تڪرارن ۽ دورين کي جنم ڏئي ٿي

سنڌ صوفين جي ڌرتي آهي جتي همدردي ۽ مهرباني اسان جي صدين پراڻين روايتن جو حصو آهي. هن خبردار ڪيو ته عدم برداشت ۽ بي حسي معاشري ۾ نفرت، تڪرارن ۽ دورين کي جنم ڏئي ٿي

ڪراچي(رپورٽر)سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه مهرباني، همدردي ۽ سني ورتاءَ جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي خاص پيغام ۾ چيو آهي ته مهرباني ۽ همدردي جهڙيون خوبيون معاشري ۾ محبت، امن ۽ پائيچاري کي هٿي ڏين ٿيون. وزيراعليٰ هائوس مان جاري ڪيل بيان ۾ سيد مراد علي شاهه چيو ته سنڌ صوفين جي ڌرتي آهي جتي همدردي ۽ مهرباني اسان جي صدين پراڻين روايتن جو حصو آهي. هن خبردار /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

ڪراچي: وزيراعلي سنڌ مراد علي شاهه اجلاس جي صدارت ڪندي

گڏيل قومن پاران اتفاق راءِ سان حوثين تي پابنديون لاڳو ڪرڻ جو ٺهراءُ منظور

گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل يمن تي لاڳو پابندين ۾ واڌ ڪري ڇڏي ۽ حوثي مليشيا کي ڊرون ۽ ميزائل ٺاهڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ پرزن استعمال وارن حصن ۽ ڪيميائي مادن جي فراهمي روڪڻ لاءِ قدم کڻڻ جو فيصلو

سلامتي ڪائونسل جي ميمبرن پاران گڏيل طور منظور ڪيل ٺهراءَ ۾ يمن اندر حوثي گروپ جي فوجي سرگرمين ۾ واڌ ۽ سعودي عرب تي سرحد پار حملن جي پڻ سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي وئي

سلامتي ڪائونسل اتفاقِ راءِ سان ٺهراءُ منظور ڪيو. ووٽنگ کان سواءِ، چاڪاڻ ته ڪنهن به ميمبر باضابطه اعتراض نه ڪيو. ٺهراءَ ۾ حوثين کان مطالبو

اهي يمن اندر پنهنجو فوجي حملو، سعودي عرب تي حملا ۽ واپاري جهازن لاءِ ڌمڪيون بند ڪن. ٺهراءَ تحت مليشيا جي ميمبرن جا اثاثا منجمد ڪرڻ ۽ سندن سفر تي پابندي جي مدي ۾ 14 نومبر 2027ع تائين واڌ ڪئي وئي

پابندين جي نگراني ڪندڙ ماهرن جي پينل جي مدي ۾ پڻ 15 ڊسمبر 2027ع تائين واڌ ڪئي وئي، اپريل 2015ع ۾ سلامتي ڪائونسل جي ٺهراءَ 2216 تحت حوثين تي لاڳو ڪيل هٿيارن جي پابندي جي ڪا مقرر آخري تاريخ ناهي

اڄ اتفاقِ راءِ سان ٺهراءُ منظور ٿيڻ مان ظاهر ٿئي ٿو ته هي ڪائونسل يمن، سعودي عرب جي بادشاهت ۽ وسيع خطي خلاف حوثين جي لاپرواهيءَ وارن حملن تي فيصلائتا قدم کڻڻ لاءِ پرعزم آهي

نيويارڪ (م ڊ) گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل يمن تي لاڳو پابندين ۾ واڌ ڪري ڇڏي ۽ حوثي مليشيا کي ڊرون ۽ ميزائل ٺاهڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ پرزن استعمال وارن حصن ۽ ڪيميائي مادن جي فراهمي روڪڻ لاءِ قدم کڻڻ جو فيصلو ڪيو. عرب نيوز موجب سلامتي ڪائونسل جي ميمبرن پاران گڏيل طور منظور ڪيل ٺهراءَ ۾ يمن اندر حوثي گروپ جي فوجي سرگرمين ۾ واڌ ۽ سعودي عرب ت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

صدر ۽ نقوي جي ملاقات بابت قياس آرائي مناسب ناهي: ناصر شاهه

نوان صوبا ٺاهڻ بابت ريفرنڊم ٿي سگهي ٿو، پر ان لاءِ به هڪ طئي ٿيل طريقيڪار موجود آهي

صوبي جي قيام لاءِ صوبائي اسيمبليءَ مان ٻه ٽيا ٽي اڪثريت سان بل منظور ڪرائڻ جو طريقو آئين ۾ موجود آهي

جن اسيمبلين صوبن ٺاهڻ بابت ٺهراءُ منظور ڪيا آهن، اهي پلي اڳتي وڌن، اسان کي ڪو اعتراض ناهي

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ جي بلديات واري وزير ناصر حسين شاهه چيو آهي ته صدر آصف علي زرداري ۽ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

عوام کي وڌ کان وڌ ريليف فراهم ڪرڻ جي لاءِ موثر ضابطاجاتي نگراني يقيني بڻائي وڃي: اسحاق ڊار

پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار اضافي ڪڻڪ جي برآمد بابت اسٽيئرنگ ڪميٽي جي اجلاس جي صدارت ڪئي

ڪميٽي برآمدات ۽ ملڪي ڪپت جي وچ ۾ توازن برقرار رکڻ جي طريقيڪار جو جائزو ورتو ته جيئن مقامي مارڪيٽ ۾ ڪڻڪ جي دستيابي ۽ قيمتن کي مستحڪم رکي سگهجي

اسلام آباد (بيورو) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار اضافي ڪڻڪ جي برآمد/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

اسلام آباد: نائب وزيراعظم اسحاق ڊار اجلاس جي صدارت ڪندي

پاڪستان بينڪس ايسوسيئيشن ۽ ڪراچي پريس ڪلب جو ادارا جاتي رابطا مضبوط بڻائڻ، مسلسل رابطي ۽ معلومات جي ڏي وٺ

ذريعي بينڪاري جي شعبي جي ملڪي معيشت ۾ خدمتن بابت عوامي آگاهي وڌائڻ تي اتفاق

ڪراچي پريس ڪلب پاران پي بي اي جي چيئرمين ظفر مسعود جي اڳواڻي ۾ آيل وفد جي مان ۾ ڊنل خاص آجياڻي دوران ٿي

تقريب ۾ بينڪاري جي شعبي جي نمائندن ۽ صحافتي برادري شرڪت ڪئي ۽ باهمي سهڪار جي امڪانن تي خيالن جي ڏي وٺ ٿي

ڪراچي(رپورٽر) پاڪستان بينڪس ايسوسيئيشن (پي بي اي) ۽ ڪراچي پريس ڪلب (ڪي پي سي) اداراجاتي رابطا مضبوط بڻائڻ، مسلسل رابطن ۽ معلومات جي ڏي وٺ ذريعي بينڪاري جي شعبي جي ملڪي معيش/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

ڏاٻيجي پمپ هائوسز جي بجلي بند، پاڻي فراهمي متاثر

ڏاٻيجي جي مختلف پمپ هائوسز جي بجلي عارضي طور بند ڪئي وئي، جنهن سبب شهر کي پاڻي جي فراهمي متاثر ٿي آهي

بجلي بند ٿيڻ سبب ڏاٻيجي جا 21 مان 9 پمپ بند آهن، 12 پمپن ذريعي ڪراچي کي پاڻي فراهم ڪيو پيو وڃي

حب پمپنگ اسٽيشن تان پڻ شهر کي پاڻي جي فراهمي معمول موجب جاري آهي

ڪراچي(رپورٽر) مرمتي ڪم سبب ڏاٻيجي جي مختلف پمپ هائوسز جي بجلي عارضي طور بند ڪئي وئي، جنهن سبب شهر کي پاڻي جي فراهمي متاثر ٿي آهي. واٽر ڪارپوريشن جي ترجمان موجب بجلي بند ٿيڻ سبب ڏاٻيجي جا 21 مان 9 پمپ بند آهن، 12 پمپن ذريعي ڪراچي کي پاڻي فراهم ڪيو پيو وڃي. ترجمان ٻڌايو ته حب پمپنگ اسٽيشن تان پڻ شهر کي پاڻي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

آصفه ڀٽو زرداري پاران پاڪستان نيوي وومين ايسوسيئيشن جي سالياني گرينڊ فيسٽيول 2026ع جو افتتاح

ڪيس پاڪستان نيوي وومين ايسوسيئيشن جي سرگرمين ۽ فلاحي قدمن بابت بريفنگ ڏني

جتي ان قدمن سان واڳيل عورتن جي تيار ڪيل دستڪاري مصنوعات ۽ گهريلو استعمال جون شيون نمائش جي لاءِ رکيل هيون

انهن پاران مهارتن کي فروغ ڏيڻ ۽ پنهنجي خاندانن جي ڀلائي ۾ ڪردار ادا ڪرڻ جي ڪوشش کي ساراهه جوڳو قرار ڏنو

پاڪستان نيوي وومين ايسوسيئيشن عورتن کي عملي مهارتن سان ليس ڪرڻ جي لاءِ هڪ ووڪيشنل انسٽيٽيوٽ پڻ هلائي رهي آهي

اسلام آباد (بيورو) خاتون اول بي بي آصفه ڀٽو زرداري جمعي ڏينهن هتي پاڪستان نيوي وومين ايسوسيئيشن (پي اين ڊبليو اي) جي سالياني گرينڊ فيسٽيول 2026ع جو افتتاح ڪري ڇڏيو. بيگم چيف آف دي نيول اسٽاف فوزيه/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

اسلام آباد: آصفه ڀٽو زرداري پاران پاڪستان نيوي وومين ايسوسيئيشن جي سالياني گرينڊ فيسٽيول ۾ گلدستو پيش ڪيو پيو وڃي

چين جو صدر شي جن پنگ اپيڪ جي صدارت ۽ ٻين تقريبن ۾ شرڪت ڪندو

بيجنگ (م ڊ) چين جو صدر شي جن پنگ 33 هين ايشيا پيسيفڪ اڪنامڪ ڪوآپ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

جاپان جي وزيراعظم سانائي تاڪائيچي ايندڙ هفتي چين جو پهريون دورو ڪندي

ٽوڪيو (م ڊ) جاپان جي وزيراعظم سانائي تاڪائيچي ايندڙ هفتي چين جي پهرين دوري دوران/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

صوبائي منشيات روڪٿام عدالت ڊرگ ڊيلر انمول عرف پنڪي خلاف منشيات هٿ اچڻ واري ڪيس ۾ جوابدار کي پيش ڪرڻ جو حڪم

ڪراچي(رپورٽر)صوبائي منشيات روڪٿام عدالت ڊرگ ڊيلر انمول عرف پنڪي خلاف منشيا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

فلسطين جي صدارتي آفيس پاران غزه ۽ اولهندي ڪناري ۾ اسرائيلي ڇڪتاڻ ۾ اضافي جي مذمت

اسرائيلي پاليسيون خطي کي وڏيڪ ڇڪتاڻ ۽ عدم استحڪام طرف ڌڪي رهيون آهن

هن اولهه ڪناري ۾ اسرائيلي آبادڪارن جي حملن تي پڻ ڳڻتي جو اظهار ڪيو

والاريل بيت المقدس (م ڊ) فلسطيني صدارتي آفيس غزه پٽي ۽ اولهه ڪناري ۾ فلسطينين خلاف اسرائيلي ڪارروايـن ۾ لڳاتار اضافي جي مذمت ڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

ملڪ جو پهريون مڪمل روڪ رقم جي ڏيتي ليتي ڪانسواءِ وارو شهر بڻائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي: طلال چوڌري

ڪيش ليس اسلام آباد بابت اجلاس مملڪتي گهرو وزير طلال چوڌري جي صدارت هيٺ ٿيو

جنهن ۾ ڪيپيٽل ڊولپمينٽ اٿارٽي (سي ڊي اي) جي چيئرمين، بئنڪن جي شعبي جي نمائندن ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن شرڪت ڪئي

اجلاس دوران بئنڪن جي شعبي جي نمائندن ڪيش ليس اسلام آباد منصوبي کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ سهڪار جي خاطري ڪرائي

اسلام آباد (بيورو) وفاقي گاديءَ واري هنڌ اسلام آباد کي ملڪ جو پهريون مڪمل روڪ رقم جي ڏيتي ليتي ڪانسواءِ وارو شهر بڻائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي ڪيش ليس اسلام آباد بابت اجلاس مملڪتي گهرو وزير طلال چوڌري ج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

اسلام آباد: وفاقي وزير محمد اورنگزيب اجلاس جي صدارت ڪندي

صوبن بابت آئيني تجويز آئي ته ڳالهائينداسين: فريال ٽالپر

سنڌ ۽ پنجاب جي ترقيءَ جو ڀيٽ ڪرڻ وارا غلط ڪن ٿا

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي عورتن واري ونگ جي صدر فريال ٽالپر چيو آهي ته صوبن بابت ڪا آئيني تجويز يا مسودو سام/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

خيبرپختونخواهه ۽ بلوچستان ۾ پارٽي اسپانسرڊ دهشتگردن کي ڪٿي به لڪڻ جڳهه نه ملندي: وفاقي گهرو

وفاقي وزير محسن نقوي بلوچستان ۽ خيبرپختونخوا ۾ پارٽي سرپرستي يافته دهشتگردن خلاف ڪامياب آپريشن تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

گهرو وزير دهشتگردن جا ناپاڪ منصوبا ناڪام بڻائڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي پيشيوراڻين صلاحيتن ۽ غير معمولي همت کي ساراهيو

وڏي انگ ۾ دهشتگردن کي پنهنجي انجام تائين پهچائڻ تي هو سيڪيورٽي فورسز کي سلام پيش ڪري ٿو چو ته فورسز جا بهادر سموري قوم جو سرمايو آهن

اسلام آباد (بيورو) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي بلوچستان ۽ خيبرپختونخوا ۾ پارٽي سرپرستي يافته دهشتگردن خلاف ڪامياب آپريشن تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته پنهنجي صوبن ۾ دهشتگردن کي ڪٿي به لڪڻ جي جڳهه نه ملندي. گهرو وزارت مان جاري بيان مطابق /ڏسو صفحو 2 بقايا نمب18

لاهور: صوبائي وزير چوڌري شافع حسين اجلاس جي صدارت ڪندي

مير رضا ڪيس ۾ اليڪٽرانڪ ڊوائيسز جي لائيو فرانزڪ جاچ جي اجازت ڏئي ڇڏي

گڏيل جاچ ٽيم (جي آءِ ٽي) کي جاچ مڪمل ڪرڻ لاءِ وڌيڪ 10 ڏينهن جي مهلت به ڏئي ڇڏي

بزنس پارٽنر احمد پاردي جي اليڪٽرانڪ ڊوائيسز جي لائيو فرانزڪ جاچ جي اجازت لاءِ درخواست داخل ڪئي

ڪراچي(رپورٽر) جوڊيشل مئجسٽريٽ اوڀر جي عدالت مير رضا ڪيس ۾ اليڪٽرانڪ ڊوائيسز جي لائيو فرانزڪ جاچ جي اجازت ڏئي ڇڏي، جڏهن ت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

گڏيل قومن پاران يمن بابت پابندين ۾ هڪ سال جي واڌ

ادارن جي اثاثن کي ڊاهڻ ۽ سفري پابندين جي قدمن کي 14 نومبر 2027ع تائين وڌائي ڇڏيو

سلامتي ڪائونسل يمن سان تعلق رکندڙ ماهرن جي پينل جي مينڊيٽ ۾ به هلندڙ سال ڊسمبر تائين واڌ ڪري ڇڏي

گڏيل قومون (م ڊ) گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل گڏيل طور هڪ قرارداد منظور ڪندي يمن بابت پابندين ۾ هڪ سال جي توسيع ڪري ڇڏي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

يوڪرين جي حوالي سان ڳالهين جي ايندڙ دور لاءِ وقت مقرر ڪيو ويو آهي: اسٽيو وٽڪوف

اسان جي شيڊول ۾ هڪ ٻي ملاقات شامل آهي، هو اتي هڪ ٻئي ايلچي جيرڊ ڪشنر سان گڏ پهتو آهي

جيڪو آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جو نياٽو پڻ آهي

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي ايلچي اسٽيو وٽڪوف چيو آهي ته يوڪرين جي حوالي سان ڳالهين جي ايندڙ دور لاءِ وقت مقرر ڪيو ويو آهي. پرڏيهي ميڊ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ تيزي

ڪي ايس اي 100 انڊيڪس 1060 پوائنٽس جي اضافي سان هڪ لک 78 هزار 434 جي سطح تي پهچي ويو

شروعاتي ڪاروباري سيشن دوران مجموعي طور تي 44 ڪروڙ 6 لک شيئرز جي ڏيتي ليتي ٿي

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ جمعي ڏينهن ڪاروباري هفتي جي آخري ڏينهن تيزي جو رجحان رهيو ۽ ڪي ايس اي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

اقبال جي فڪر ۽ پيغام کي سمجهڻ، محنت ۽ عمل کي پنهنجو شعار بڻائين: وفاقي سيڪريٽري اطلاعات ۽ نشريات

علامه محمد اقبال جي فڪر ۽ پيغام کي سمجهندي خوداعتمادي، خودي، محنت ۽ عمل کي پنهنجو شعار بڻائين

ملڪ جي مستقبل جي ذميواري نوجوانن جي ڪلهن تي لاڳو ٿئي ٿي

اسلام آباد (بيورو) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي سيڪريٽري اشفاق احمد خليل چيو آهي ته نوجوان نسل مفڪر پاڪستان علامه محمد اقبال /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

اسلام آباد: علامه محمد اقبال جي پيدائش جي ڏهاڙي جي مناسبت سان تصويري ۽ دستاويزي فلمن جي نمائش جو افتتاح ڪيو پيو وڃي

صدر پاران دهشتگردن جي خلاف ڪامياب آپريشن تي سيڪيورٽي فورسز کي ڀرپور خراج تحسين پيش

اسلام آباد (بيورو) صدر آصف علي زرداري ڪوئيٽا ضلعي جي علائقي ڪرم ۾ فتنه الخوارج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

اسحاق ڊار ۽ ازبڪستان جي پرڏيهي وزير بختيار سعيدوف جي ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه

اسلام آباد (بيورو) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار کي ازبڪستان جي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

دهشتگردي خلاف جنگ ۾ فورسز جون ڪاميابيون قومي عزم ۽ حوصلي جي عڪاسي ڪن ٿيون: بلاول ڀٽو

بلاول ڀٽو زرداري مير علي ۽ اورڪزئي جي علائقن ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪامياب آپريشنز تي اهلڪارن کي خراج تحسين

پارٽي پراڪسي دهشتگردن خلاف سيڪيورٽي فورسز جون ڪامياب ڪارروايون تحسين جوڳيون آهن

ڪراچي(رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

سيڪيورٽي فورسز پاران مير علي ۽ اورڪزئي ۾ آپريشن

پارٽي حمايت يافته 43 دهشتگرد مارجي ويا

سندن قبضي مان وڏي مقدار ۾ هٿيار ۽ بارودي مواد هٿ ڪيو ويو

راولپنڊي (بيورو) سيڪيورٽي فورسز خيبرپختونخوا صوبي جي علائقن مير علي ۽ اورڪزئي ۾ انٽيليجنس بنياد تي ڪيل آپريشن دو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

علامه محمد اقبال جي پيدائش جي ڏهاڙي جي مناسبت سان تصويري ۽ دستاويزي فلمن جي نمائش منعقد

اسلام آباد (بيورو) شاعر مشرق، مفڪر پاڪستان علامه محمد اقبال جي پيدائش جي ڏهاڙ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

موسمياتي تبديلي جو پهريون ۽ شديد حملو جابلو ماحولياتي نظام تي پوندو آهي: ڊاڪٽر مصدق ملڪ

جنهن جا اثر آخرڪار سڄي دنيا جي آبي وسيلن، انساني آبادين ۽ معاشي سرگرمين کي متاثر ڪن ٿا

پاڪستان ۾ 13 هزار 500 کان وڌيڪ گليشيئرز جي نشاندهي ٿي چڪي آهي

انطاليه (م ڊ) موسمياتي تبديلي ۽ ماحولياتي هم آ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

انطاليه: وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ اجلاس جي صدارت ڪندي

جي ايس ايم يو سنڊيڪيٽ پاران ٽن نرسنگ ۽ الائيڊ هيلٿ ادارن جي الحاق جي منظوري

جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي (جي ايس ايم يو) ٽن نرسنگ ۽ الائيڊ هيلٿ ادارن کي يونيورسٽي سان الحاق ڏيڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

جنهن سان يونيورسٽي جي تعليمي نيٽ ورڪ ۾ واڌ ۽ صحت جي شعبي ۾ پيشيوراڻي تعليم جا وڌيڪ موقعا پيدا ٿيندا

اداري اندر جوابدهي ۽ يونيورسٽي جي تعليمي ۽ تحقيقي سرگرمين کي مسلسل وڌائڻ واري عزم جو ورجاءُ ڪيو

ڪراچي(رپورٽر) جي ايس ايم يو سنڊيڪيٽ پاران ٽن نرسنگ ۽ الائيڊ هيلٿ ادارن جي الحاق جي منظوري جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي (جي ايس ايم يو) ٽن نرسنگ ۽ الائيڊ هيلٿ ادارن کي يونيورسٽي سان الحاق ڏيڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

شروعاتي ٻاروتڻ جي معياري تعليم روشن مستقبل جو بنياد آهي: احسن اقبال

ننڍڙن ٻارن جي ذهانت، تجسس، پاڪ دل ۽ وڏا خواب ڏسڻ جي صلاحيت پاڪستان جي روشن مستقبل جي اميد پيدا ڪري ٿي

هن ٻارن سان رنگن، مختلف شڪلين ۽ ٽيڊي بيئرز جي موضوعن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي

جيئن ٻارن جي صلاحيتن کي ننڍي عمر کان ئي نکاري سگهجي ۽ ڪين سکڻ، سوچڻ ۽ تخليقي صلاحيتن جي اظهار ڪرڻ جا بهتر موقعا فراهم ڪري سگهجن

اسلام آباد (بيورو) رٿابندي، ترقي ۽ خصوصي قدمن واري وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال چيو آهي ته شروعاتي ٻاروتڻ جي معياري ۽ جديد تعليم ٻارن جي ذهني ۽ تخليقي صلاحيتن جي ترقي ڏيڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪري ٿي. اڄ جا ٻار /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

حڪومت معدني شعبي کي عالمي مارڪيٽن سان ڳنڍڻ لاءِ قدم کڻي رهي آهي: وفاقي وزير جام ڪمال خان

وفاقي وزير پاڪستان ۾ معدني وسيلن ۽ سيڙپڪاري جي موقعن بابت نمائشن جو جائزو ورتو

هن مختلف ملڪن جي سفيرن، ٽريڊ ڪمشنرز، سيڙپڪارن، پرڏيهي وفدن، مشهور شخصيتن ۽ ڪاروباري برادري جي نمائندن سان ملاقاتون پڻ ڪيون

ملاقاتن دوران معدني شعبي ۾ سيڙپڪاري، واپاري تعاون ۽ گڏيل منصوبن جي امڪانن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

پاڪستان معدني وسيلن سان مالا مال ملڪ آهي ۽ هتي عالمي سيڙپڪاري جا وسيع موقعا موجود آهن

اسلام آباد (بيورو) واپار واري وفاقي وزير جام ڪمال خان چيو آهي ته حڪومت معدني شعبي کي عالمي مارڪيٽن سان ڳنڍڻ، پرڏيهي سيڙپڪارن کي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ واپاري رابطن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ قدم کڻي رهي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

لاهور: اسپيڪر پنجاب اسيمبلي محمد احمد خان ايڪسپو سينٽر تي استقبال ڪيو پيو وڃي

سينيٽ چيئرمين پاران غذر ضلعي ۾ مسافر وين حادثي ۾ قيمتي انساني حياتين جي نقصان تي افسوس جو اظهار

اسلام آباد (بيورو) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني گلگت بلتستان جي ضلع/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

شاهينه شير علي سان ريسڪيو 1122 جي اعليٰ عملدارن تي مشتمل وفد جي ملاقات

ڪراچي (رپورٽر)سنڌ جي عورتن جي ترقي واري وزير شاهينه شير علي سان سنڌ ايمرجنسي ريسڪيو سروس (ريسڪيو 1122) جي اعليٰ عملدار/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

غزه جي ناصر اسپتال تي اسرائيلي فضائي حملي ۾ 5 فلسطيني شهيد

خميس ڏينهن صبح جو جنگي جهاز مان ڪيرايل ميزائل سان اسپتال جي ان عمارت کي نشانو بڻايو ويو

جنهن ۾ سرجيڪل واردز ۽ انتهائي نگهداشت (آءِ سي يو) جا شعبا قائم هئا

غزه (م ڊ) غزه جي ڏاکڻي شهر خان يونس ۾ واقع ناصر اسپتال جي هڪ عمارت تي اسرائيلي فضائي حملي ۾ هڪ سرجن سميت 5 فلسط/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

سنڌ هاءِ ڪورٽ عواب علوي جو نالو ايگزيٽ ڪنٽرول لسٽ مان خارج نه ڪرڻ خلاف داخل توهين عدالت جي درخواست تي ڊي جي اميگريشن ۽ پاسپورٽ سميت ٻين ڌرين کي نوٽيس جاري

ڪراچي (رپورٽر)سنڌ هاءِ ڪورٽ اڳوڻي صدر ڊاڪٽر عارف علوي جي صاحبزادي عواب علوي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

سنڌ جي سمورن ضلعن کان وٺي تعلقن ۽ يونين ڪائونسلن جي سطح تائين مڪمل ڪئي وڃي: سردار عبدالرحيم

22 نومبر تي پير سيد شاهه مردان شاهه پير صاحب پاڳاري مرحوم جي سالگرهه سنڌ جي سمورن ضلعن ۽ يونين ڪائونسلن ۾ ڀرپور نموني ملهائي ويندي

پارٽي کي وڌيڪ منظم ۽ متحرڪ بڻائڻ لاءِ تنظيمي سرگرمين ۾ تيزي آندي پئي وڃي

سمورن ضلعي ۽ تعلقي آفيسن کي فعال بڻائڻ، نوجوانن کي اڳتي آڻڻ ۽ عوامي رابطن واري مهم کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ تي خاص ڌيان ڏنو پيو وڃي

ڪراچي(رپورٽر) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي سيڪريٽري جنرل سردار عبدالرحيم چيو آهي ته پارٽي جي تنظيم سازي 15 نومبر تائين سنڌ جي سمورن ضلعن کان وٺي تعلقن ۽ يونين ڪائونسلن جي سطح تائين مڪمل/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
ڇنڇر 14 نومبر 2026ع بمطابق 03 جمادي الثاني 1448هه

سنڌ جي وحدت ۽ عوامي راءِ جو احترام

سنڌ جي وحدت، تاريخي سڃاڻپ ۽ جاگرافيائي حيثيت بابت ڪنهن به قسم جي فيصلي کي رڳو سياسي نعريبازي يا پارٽي مفادن جي بنياد تي نه ٿو ڪري سگهجي، ڇاڪاڻ ته سنڌ رڳو هڪ انتظامي صوبو نه، پر هزارين سالن جي تاريخ، تهذيب، ثقافت، ٻولي ۽ اجتماعي سڃاڻپ جو نالو آهي. سنڌ جي ماڻهن لاءِ پنهنجي ڌرتيءَ جي وحدت ۽ سالميت هڪ بنيادي اهميت رکي ٿي، جنهن بابت ڪنهن به قسم جي تبديليءَ جو سوال پيدا ٿيڻ تي عوامي ردعمل فطري آهي. تازو نون صوبن جي قيام بابت بحث ڪانپوءِ سنڌ جي ماڻهن پاران شديد احتجاج، سياسي، سماجي ۽ عوامي سطح تي آواز اٿارڻ ۽ سنڌ اسيمبليءَ ۾ ٺهراءَ منظور ٿيڻ ڪانپوءِ وفاقي گهرو وزير محسن نقوي پريس ڪانفرنس ڪندي واضح ڪيو آهي ته نوان صوبا تڏهن ئي ٺهندا، جڏهن سڀ متفق هوندا. ٻي صورت ۾ اهي نه ٺهندا. سندس چوڻ هو ته نون صوبن جي حوالي سان سڀني سياسي پارٽين جي راءِ اهم آهي ۽ عوام جي راءِ وٺڻ ان معاملي جو بهترين حل ٿي سگهي ٿو. هن اهو به چيو ته جيڪڏهن عوام نوان صوبا نه ٿو چاهي ته هو عوام سان گڏ آهي. وفاقي گهرو وزير جو اهو بيان هڪ اهڙي وقت سامهون آيو آهي، جڏهن سنڌ اندر نون صوبن جي بحث تي سخت ردعمل ظاهر ڪيو ويو ۽ سنڌ جي سياسي توڙي عوامي حلقن پاران صوبي جي وحدت جو دفاع ڪيو ويو. سنڌ اسيمبليءَ جا ٺهراءَ ۽ عوامي احتجاج ان ڳالهه جي عڪاسي ڪن ٿا ته سنڌ جي وحدت بابت سوال کي سنڌ جي ماڻهن جي جذبات، تاريخي وابستگي ۽ آئيني حقن کان الڳ ڪري نه ٿو ڏسي سگهجي. پاڪستان جو وفاق مختلف قومن، ٻولين، ثقافتن ۽ تاريخي وحدتن جي گڏيل وجود جو نالو آهي، تنهن ڪري وفاق جي مضبوطيءَ لاءِ ضروري آهي ته هر صوبي جي آئيني حيثيت، خودمختياري ۽ عوامي خواهشن جو احترام ڪيو وڃي. نون صوبن جي قيام بابت آئين ۾ واضح طريقيڪار موجود آهي، جنهن تحت لاڳاپيل صوبي جي اسيمبليءَ جي منظوريءَ کي بنيادي اهميت حاصل آهي. اهڙي صورتحال ۾ ڪنهن به انتظامي يا آئيني تبديليءَ بابت بحث کي سياسي بيانن، افواهن يا تڪراري تجويزن بدران آئين، پارلياماني طريقيڪار ۽ عوامي راءِ جي دائري ۾ رکڻ گهرجي. اهو به سمجهڻ ضروري آهي ته انتظامي سهولتن، ترقياتي ضرورتن ۽ عوام کي بهتر حڪمراني فراهم ڪرڻ لاءِ تجويزون ڏيڻ هڪ الڳ معاملو آهي، جڏهن ته ڪنهن تاريخي صوبي جي وحدت ۽ سڃاڻپ بابت سوال ٻيو معاملو آهي. جيڪڏهن ڪنهن علائقي ۾ انتظامي مسئلا آهن ته انهن جو حل موجوده نظام کي بهتر بڻائڻ، وسيلن جي منصفاڻي ورهاست، مقامي حڪومتن کي بااختيار ڪرڻ ۽ ترقياتي منصوبن تي عملدرآمد ذريعي به ڳولي سگهجي ٿو. سنڌ جي مختلف شهرن ۽ علائقن ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ، بيروزگاري، تعليم، صحت، پاڻي ۽ روزگار جا مسئلا موجود آهن، جن تي وفاقي توڙي صوبائي حڪومتن کي خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي. سنڌ جي عوام جو مطالبو به اهو آهي ته سندن وسيلن، اختيارن ۽ تاريخي وحدت جو احترام ڪيو وڃي ۽ ڪنهن به فيصلي کان اڳ کين اعتماد ۾ ورتو وڃي. محسن نقوي جي پريس ڪانفرنس ۾ عوامي راءِ ۽ سياسي اتفاق راءِ جي اهميت کي تسليم ڪرڻ واري ڳالهه کي عملي پاليسيءَ جو حصو بڻائڻ ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته وفاقي نظام جي مضبوطيءَ جو دارومدار هڪ ٻئي جي حقن ۽ خدشن کي سمجهڻ تي آهي. ڪنهن به صوبي جي وحدت بابت تڪرار پيدا ڪرڻ بدران وفاقي حڪومت کي اهڙي سياسي فضا قائم ڪرڻ گهرجي، جنهن ۾ سڀني ڌرين جا خدشا ٻڌا وڃن ۽ آئين جي دائري ۾ رهندي مسئلن جو حل ڪڍيو وڃي. سنڌ جي وحدت جو معاملو رڳو سنڌ جي سياسي پارٽين جو نه، پر ان ڌرتيءَ سان وابسته هر شهريءَ جي اجتماعي احساس ۽ سڃاڻپ جو معاملو آهي. وفاق جي مضبوطيءَ لاءِ ضروري آهي ته سنڌ سميت سڀني صوبن جي عوامي خواهشن ۽ آئيني حقن جو احترام ڪيو وڃي، ڇو ته اتفاق، اعتماد ۽ برابريءَ ڪانسواءِ نه وفاقي اتحاد مضبوط ٿي سگهي ٿو ۽ نه ئي جمهوري نظام عوام جو اعتماد حاصل ڪري سگهي ٿو.

عمران خان جي ڀينرن جي آزادي، ڇا پاڪستان جي سياست ۾ نئون موڙ اچڻ وارو آهي؟

غلام مصطفيٰ جمالي

پاڪستان جي سياست ۾ ڪڏهن ڪڏهن اهڙا واقعا پيش ايندا آهن، جيڪي بظاهر ڪنهن هڪ خاندان يا سياسي جماعت تائين محدود نظر ايندا آهن، پر انهن جا اثر سڄي ملڪ جي سياسي ماحول تي پوندا آهن. اهڙوئي هڪ اهم واقعو پاڪستان تحريڪ انصاف جي باني ۽ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي ڀينرن ڊاڪٽر عظميٰ خان ۽ نورين نيازي جي آزادي آهي، جنهن هڪ ڀيرو ڀيهر ملڪ اندر سياسي سرگرمين، حڪومت ۽ مخالف ڌر جي لاڳاپن ۽ جمهوري روين بابت نئين بحث کي جنم ڏنو آهي. 12 نومبر 2026ع تي سامهون آيل خبرن موجب عمران خان جون ٻئي ڀينرون جيل مان آزاد ٿي ويون آهن. سندن آزاديءَ واري خبر سياسي حلقن ۾ اهميت اختيار ڪري وئي آهي، ڇاڪاڻ ته گذريل ڪيترن ئي ڏينهن کان سندن گرفتاريءَ جو معاملو سياسي بحث جو حصو بڻيل هو.

عمران خان جي ڀينرن جي گرفتاريءَ کان پوءِ تحريڪ انصاف جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن طرفان مختلف هنڌن تي احتجاج ۽ ردعمل ظاهر ڪيو ويو هو. ٻئي طرف حڪومتي موقف ۾ امن امان جي صورتحال ۽ انتظامي سببن جو ذڪر ڪيو ويو هو. ڊاڪٽر عظميٰ خان ۽ نورين نيازي کي پنجاب جي عوامي امن بابت قانون تحت حراست ۾ ورتو ويو هو. ان کان پوءِ سندن گرفتاريءَ خلاف عدالت سان پڻ رابطو ڪيو ويو، جتي حراست جي قانوني جواز ۽ ان جي مدت بابت سوال اٿاريا ويا. اهڙي صورتحال ۾ سندن آزاديءَ جي خبر کي هڪ اهم اڳڀرائي طور ڏٺو پيو وڃي، پر ان مان اهو نتيجو ڪڍڻ مناسب نه ٿيندو ته ملڪ جو سمورو سياسي بحران ختم ٿي ويو آهي.

پاڪستان جي سياسي تاريخ تي نظر وجهجي ته حڪومتن ۽ مخالف ڌر وچ ۾ اختلاف هميشه موجود رهيا آهن. جمهوريت جو حسن ئي اهو آهي ته مختلف سياسي جماعتون پنهنجا خيال، پاليسيون ۽ اختلاف عوام آڏو پيش ڪن. ڪنهن به سياسي جماعت کي حڪومت سان اختلاف رکڻ يا پنهنجي پاليسين تي تنقيد ڪرڻ جو حق حاصل آهي، پر ساڳئي وقت هر سياسي سرگرمي قانون ۽ آئين جي دائري اندر ٿيڻ گهرجي. حڪومت جي به اها ذميواري آهي ته سياسي اختلاف کي ذاتي دشمنيءَ ۾ تبديل ٿيڻ نه ڏئي. جيڪڏهن ڪنهن شخص خلاف قانوني الزام موجود آهي ته ان معاملي جو فيصلو عدالتن ۽ قانوني طريقيڪار ذريعي ٿيڻ گهرجي، نه ڪي سياسي وابستگيءَ جي بنياد تي.

عمران خان پاڻ هن وقت به اڊيالا جيل ۾ قيد آهي. سندس صحت ۽ علاج بابت پڻ سياسي حلقن ۾ بحث جاري آهي. 11 نومبر تي کيس اکين جي معائني ۽ علاج لاءِ اسلام آباد جي پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز منتقل ڪرڻ بابت خبرون سامهون آيون هيون. طبي معائني کان پوءِ کيس ڀيهر جيل منتقل ڪيو ويو. سندس خاندان ۽ وڪيلن طرفان صحت ۽ علاج جي سهولتن بابت خدشا ظاهر ڪيا ويا، جڏهن ته سرڪاري ڌر طرفان انتظامن جو دفاع ڪيو ويو. اهڙن معاملن ۾ سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته قيد ۾ موجود هر شخص کي قانون موجب علاج، طبي سهولتن ۽ پنهنجي وڪيلن سان رابطي جو حق حاصل هجڻ گهرجي. ڪنهن به سياسي اختلاف سبب انساني ۽ قانوني حق متاثر نه ٿيڻ گهرجن. عمران خان جي ڀينرن جي آزاديءَ کان پوءِ هڪ سوال اهو به پيدا ٿئي ٿو ته ڇا ملڪ ۾ سياسي ڇڪتاڻ گهٽائڻ لاءِ نئون ماحول پيدا ٿي سگهي ٿو؟ سياسي اختلافن کي گهٽائڻ لاءِ حڪومت ۽ مخالف ڌر ٻنهي کي سنجيدگيءَ سان سوچڻو پوندو. جيڪڏهن حڪومت سياسي جماعتن سان ڳالهين جا دروازا کليل رکي ٿي ۽ مخالف ڌر به پنهنجي مطالبن کي جمهوري طريقي سان اڳتي وڌائي ٿي ته ملڪ ۾ اعتماد جي بحاليءَ جا امڪان پيدا ٿي سگهن ٿا. سياسي مسئلن جو حل رڳو بيانن، احتجاجن ۽ هڪ ٻئي تي الزام لڳائڻ سان ممڪن ناهي. ان لاءِ ڳالهه ٻولهه، برداشت ۽ گڏيل قومي مفادن کي اوليت ڏيڻ ضروري آهي. پاڪستان تحريڪ انصاف لاءِ به موجوده صورتحال هڪ اهم مرحلو آهي. جماعت کي پنهنجي سياسي حڪمت عملي، عوامي مطالبن ۽ جمهوري جدوجهد بابت واضح رستو اختيار ڪرڻو پوندو. سياسي جماعتن جي اصل طاقت سندن عوامي حمايت، منظم سياسي پروگرام ۽ عوام سان مضبوط رابطي ۾ هوندي آهي. احتجاج ڪرڻ هر سياسي جماعت جو جمهوري حق آهي، پر ان سان گڏ ڳالهين جا رستا به بند نه ٿيڻ گهرجن. جيڪڏهن سياسي جماعتون هر مسئلي جو حل رڳو احتجاج ۽ سخت بيانن ۾ ڳولينديون ته ان جو اثر ملڪ جي مجموعي سياسي ماحول تي پوندو ۽ عوامي مسئلا وڌيڪ پوئتي رهجي ويندا. ٻئي طرف حڪومت جي ذميواري پڻ گهٽ ناهي. حڪومت ملڪ جي سمورن شهرين جي نمائندگي ڪندي آهي، تنهنڪري ان کي مخالف سياسي جماعتن سان به قانون ۽ جمهوري اصولن موجب ورتاءُ ڪرڻ گهرجي. حڪومت کي اهو سمجهڻ گهرجي ته سياسي مخالفت ڪنهن به شهري جو قانوني حق آهي. جيڪڏهن ڪو سياسي اڳواڻ يا ڪارڪن قانون جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو ته ان خلاف ڪارروائي قانون مطابق ٿيڻ گهرجي، پر ڪنهن کي به رڳو سياسي وابستگي يا خانداني نسبت سبب ڏکيائين ۾ وجهڻ مناسب ناهي. اهڙي طرح مخالف ڌر کي به پنهنجي سياسي ذميوارين جو احساس رکڻ گهرجي ۽ ملڪ جي امن، استحڪام ۽ عوامي مفادن کي نظر ۾ رکندي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي.

هن وقت ملڪ کي سياسي مسئلن سان گڏ معاشي مشڪلاتن جو به منهن ڏسڻو پئجي رهيو آهي. مهانگائي، بيروزگاري، بجلي ۽ گئس جا وڌندڙ بل، روزگار جا محدود موقعا ۽ عام ماڻهن جي آمدنيءَ ۾ گهٽتائي اهڙا مسئلا آهن، جيڪي هر گهراڻي کي متاثر ڪري رهيا آهن. نوجوانن لاءِ روزگار ۽ بهتر مستقبل جي ڳولا هڪ وڏو سوال بڻيل آهي. ننڍا واپاري، هاري، مزدور ۽ پگهاردار طبقو پنهنجي روزاني ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ پريشان آهي. اهڙي وقت ۾ عوام سياسي جماعتن کان اها اميد رکي ٿو ته اهي ذاتي اختلافن کان مٿي ٿي ملڪ جي معاشي ۽ سماجي مسئلن تي گڏجي ڪم ڪن.

عمران خان جي ڀينرن جي آزاديءَ کي سياسي ماحول ۾ نرمي آڻڻ جو هڪ موقعو ضرور سمجهي سگهجي ٿو، پر ان جو حقيقي فائدو تڏهن ٿيندو، جڏهن ان کان پوءِ به سياسي برداشت جو سلسلو جاري رهندو. حڪومت ۽ مخالف ڌر کي هڪ ٻئي جي وجود ۽ سياسي حقن کي تسليم ڪرڻ گهرجي. جمهوريت ۾ ڪنهن به جماعت کي هميشه اقتدار ۾ رهڻ جي ضمانت حاصل ناهي هوندي ۽ نه ئي مخالف ڌر کي سياسي ميدان کان ٻاهر رکڻ سان ملڪ ۾ استحڪام پيدا ٿي سگهي ٿو. عوام ووٽ ذريعي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندو آهي، تنهنڪري سياسي عمل ۾ عوام جي فيصلي ۽ قانون جي بالادستي کي اهميت ڏيڻ لازمي آهي. هن سڄي معاملي ۾ عدالتن جو ڪردار پڻ اهم آهي. ملڪ جي آئين ۽ قانون موجب هر شهري کي انصاف حاصل ڪرڻ جو حق آهي. ڪنهن به گرفتاري، حراست يا آزاديءَ بابت فيصلو قانوني بنيادن تي ٿيڻ گهرجي. عدالتن کي پنهنجو آئيني ڪردار ادا ڪرڻ جو موقعو ملڻ گهرجي ۽ سياسي جماعتن کي به عدالتي فيصلن جو احترام ڪرڻ گهرجي. اهڙي ريت رياست جي سمورن ادارن جو پنهنجن پنهنجن آئيني ۽ قانوني دائري اندر ڪم ڪرڻ ملڪ جي استحڪام لاءِ ضروري آهي. قانون جي هڪجهڙي عملداري عوام جو اعتماد وڌائي ٿي ۽ سياسي اختلافن کي قانوني رستي تي رکڻ ۾ مدد ڏئي ٿي.

پاڪستان هن وقت اهڙي دور مان گذري رهيو آهي، جتي سياسي استحڪام، معاشي ترقي ۽ قومي اتحاد جي ضرورت اڳ کان وڌيڪ محسوس ڪئي پئي وڃي. سياسي قيادت کي اهو سمجهڻ گهرجي ته ملڪ جا مسئلا ڪنهن هڪ جماعت جا مسئلا ناهن، پر انهن جو اثر سڄي قوم تي پوي ٿو. جيڪڏهن سياسي جماعتون هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ لاءِ تيار ٿين، عوامي مسئلن کي اوليت ڏين ۽ قانون جي حڪمرانيءَ کي تسليم ڪن ته ملڪ ۾ بهتر سياسي ماحول پيدا ٿي سگهي ٿو. ان لاءِ ضروري آهي ته سياسي بيانن ۾ تلخي گهٽائي وڃي ۽ اهڙا قدم کنيا وڃن، جيڪي عوام جي اعتماد کي مضبوط ڪن. عمران خان جي ڀينرن جي آزادي هڪ اهم خبر آهي، پر پاڪستان جي سياست ۾ اصل تبديلي تڏهن ايندي، جڏهن سياسي اختلافن کي برداشت ڪرڻ، مخالف ڌر سان ڳالهائڻ ۽ قانون موجب فيصلا ڪرڻ کي روايت بڻايو ويندو. حڪومت لاءِ به اهو هڪ موقعو آهي ته سياسي ماحول کي بهتر بڻائڻ لاءِ عملي قدم کڻي، جڏهن ته مخالف ڌر کي به قومي مفادن کي نظر ۾ رکندي ڳالهين جي عمل ۾ حصو وٺڻ گهرجي. ملڪ کي اهڙي سياست جي ضرورت آهي، جنهن ۾ ذاتي دشمنيءَ بدران عوامي خدمت، الزام تراشيءَ بدران دليل ۽ محاذ آرائيءَ بدران قومي مفادن کي اهميت حاصل هجي.

آخر ۾ سوال اهو آهي ته ڇا عمران خان جي ڀينرن جي آزاديءَ کان پوءِ پاڪستان جي سياست ۾ واقعي ڪو نئون موڙ ايندو، يا ملڪ اڳ وانگر سياسي اختلافن ۽ ڇڪتاڻ جي ور چڙهيل رهندو؟ ان جو جواب ايندڙ ڏينهن ۾ حڪومت ۽ مخالف ڌر جي عملي روين مان سامهون ايندو. عوام کي سياسي جنگ نه، پر امن، روزگار، انصاف ۽ خوشحالي گهرجي. پاڪستان جي سياسي قيادت جيڪڏهن عوام جي ان خواهش کي سمجهي گڏيل رستو اختيار ڪري ٿي ته اها ملڪ لاءِ مثبت اڳڀرائي هوندي. جمهوريت جي اصل ڪاميابي به اها آهي ته اختلافن باوجود ملڪ جو نظام آئين، قانون ۽ عوام جي خواهشن موجب اڳتي وڌندو رهي. غلام مصطفي جمالي ڪڏهرو موري ضلع بدين

اسان جو نوجوان صبح جو اٿندو آهي

محمد طاهر لنڊ، سيتارجا

اسان جو نوجوان صبح جو اٿندو آهي، ڪپڙا پائيندو آهي، ۽ چانهه جي هوٽل تي وڃي ويهندو آهي. نه ان کي ڪم آهي، نه ان کي ڪا منزل آهي. هو سڄو ڏينهن ويهي رهندو آهي، شام جو خالي هٿين گهر موٽندو آهي.

اسان وٽ نوجوان پڙهيل لکيل آهي، هنروارو آهي، پر ان وٽ نوڪري ناهي. هن مئٽرڪ ڪئي، انٽر ڪئي، بي اي ڪئي، پر نوڪري نه ملي. هاڻي هو ڊگري هٿ ۾ کڻي در در ڀٽڪي رهيو آهي.

بيروزگاري صرف پئسي جو مسئلو ناهي، اهو عزت جو مسئلو آهي. جڏهن نوجوان ڪمائي نٿو ته گهر ۾ به ان جي عزت نٿي رهي. پيءُ چوندو آهي، سڄو ڏينهن گهر ۾ پيو آهين، ڪو ڪم ڪر. ماءُ چوندي آهي، پٽ هاڻي ته ڪماءِ. دوست چوندا آهن، تون اڃا تائين فارغ آهين؟ انهن ڳالهين سان نوجوان اندر ئي اندر ٽٽي ويندو آهي.

ڪي نوجوان وري مايوس ٿي نشي ڏانهن هليا ويندا آهن. ڪي چوري، ڌاڙي ۽ غلط ڪمن ۾ لڳي ويندا آهن. نه انهن جو قصور آهي، قصور اسان جي نظام جو آهي، جنهن انهن کي ڪو رستو نه ڏنو.

سيتارجا جهڙي ننڍي شهر ۾ ته حالت اڃا به خراب آهي. هتي نه ڪا فيڪٽري آهي، نه ڪو ڪارخانو آهي، نه ڪو روزگار جو ذريعو آهي. نوجوان کي جيڪڏهن ڪم ڪرڻو آهي ته ان کي ڪراچي يا ٻئي شهر وڃڻو پوندو آهي. ۽ هر ڪو پنهنجو شهر ڇڏي نٿو سگهي.

پهرين ڳالهه، نوجوان کي صرف نوڪري جو انتظار نه ڪرڻ گهرجي. ننڍو ڪم شروع ڪري. ننڍي دڪان، موبائل ريپيئرنگ، درزي جو ڪم، آن لائن ڪم، ڪو به هنر سکو. ننڍو ڪم به بيڪاري کان بهتر آهي.

ٻي ڳالهه، حڪومت کي گهرجي ته نوجوانن لاءِ هنر سينٽر کولي، انهن کي قرض ڏئي، انهن کي ڪم سيکاري. رڳو ڊگريون ڏيڻ سان ڪجهه نه ٿيندو، هنر ڏيڻو پوندو.

ٽين ڳالهه، اسان وڏن کي گهرجي ته نوجوان کي طعنو نه ڏيون، ان کي همت ڏيون. ڇو ته طعنو نوجوان کي ٽوڙي ٿو، ۽ همت نوجوان کي جوڙي ٿي.

ياد رکو، جيڪو نوجوان اڄ بيروزگار آهي، اهو سڀاڻي هن ملڪ جو مستقبل آهي. جيڪڏهن اسان اڄ ان کي سهارو نه ڏنو ته سڀاڻي اهو اسان کي سهارو نه ڏيندو.

بقايا *** 01

ي سرحد پار حملن جي پڻ سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي وئي. سلامتي ڪائونسل اتفاق راءِ سان ٺهراءُ منظور ڪيو، جنهن جو مطلب آهي ته ووٽنگ کان سواءِ، ڇاڪاڻ ته ڪنهن به ميمبر باضابطه اعتراض نه ڪيو. ٺهراءَ ۾ حوثين کان مطالبو ڪيو ويو ته اهي يمن اندر پنهنجو فوجي حملو، سعودي عرب تي حملا ۽ واپاري جهازن لاءِ ڌمڪيون بند ڪن. ٺهراءَ تحت مليشيا جي ميمبرن جا اثاثا منجمد ڪرڻ ۽ سندن سفر تي پابنديءَ جي مدي ۾ 14 نومبر 2027ع تائين واڌ ڪئي وئي. جڏهن ته پابندين جي نگراني ڪندڙ ماهرن جي پينل جي مدي ۾ پڻ 15 ڊسمبر 2027ع تائين واڌ ڪئي وئي. اپريل 2015ع ۾ سلامتي ڪائونسل جي ٺهراءَ 2216 تحت حوثين تي لاڳو ڪيل هٿيارن جي پابنديءَ جي ڪا مقرر آخري تاريخ ناهي. گڏيل قومن ۾ برطانيا جي مستقل نمائندي سارا ميڪنٽوش چيو ته "اڄ اتفاق راءِ سان ٺهراءُ منظور ٿيڻ مان ظاهر ٿئي ٿو ته هي ڪائونسل يمن، سعودي عرب جي بادشاهت ۽ وسيع خطي خلاف حوثين جي لاپرواهيءَ وارن حملن تي فيصلاڪن قدم کڻڻ لاءِ پرعزم آهي." يمن بابت سلامتي ڪائونسل ۾ ٺهراءُ پيش ڪرڻ جي بنيادي ذميواري برطانيا وٽ آهي، جنهن جو مطلب آهي ته ان معاملي سان لاڳاپيل ڪائونسل جي سرگرمين جي اڳواڻي برطانيا ڪري ٿو. هن چيو ته "اسان انهن حملن کي منهن ڏيڻ ۾ يمن جي حڪومت ۽ سعودي عرب جي بادشاهت سان گڏ بيٺل آهيون ۽ عالمي قانون موجب پنهنجي سلامتي ۽ خودمختياريءَ جي حفاظت ڪرڻ واري سندن حق جي ڀيهر تصديق ڪريون ٿا." هن ٺهراءَ جو مقصد مليشيا جي هٿياربند ٿيڻ جي وڌندڙ صلاحيت کي منهن ڏيڻ هو. ميڪنٽوش چيو ته ان سان پابندين جو نظام "حوثين پاران پيدا ٿيندڙ بدلجندڙ خطري سان گڏ اڳتي وڌندو رهندو." ان خطري ۾ مقامي سطح تي هٿيار ناهڻ لاءِ ٻٽي استعمال وارن حصن ۽ بنيادي ڪيميائي مادن تي حوثين جو وڌندڙ دارومدار پڻ شامل آهي، جيڪو کين "سڄي خطي ۾ عدم استحڪام پيدا ڪندڙ حملا ڪرڻ جي صلاحيت" فراهم ڪري ٿو. ٻٽي استعمال وارين شين مان مراد اهڙا حصا آهن، جن جا عام شهري استعمال جائز هوندا آهن، پر انهن کي فوجي ڪارروائين ۾ پڻ استعمال ڪري سگهجي ٿو. گڏيل قومن جي نگراني ڪندڙ ماهرن معلوم ڪيو آهي ته مليشيا اسمگلنگ ۽ مارڪيٽ ۾ آسانيءَ سان دستياب حصن کي غيرقانوني طور حاصل ڪري پنهنجو هٿيارن جو ذخيرو برقرار رکندي اچي ٿي. ان طريقي سان آهستي آهستي ان جو ٻاهرين مدد تي دارومدار گهٽ ٿيو آهي ۽ ان کي مقامي سطح تي حملا ڪندڙ ڊرون تيار ڪرڻ جي صلاحيت حاصل ٿي آهي. سلامتي ڪائونسل چيو آهي ته ماهرن جي پينل پاران تيار ڪيل فهرست جي بنياد تي اهو 11 جنوري تائين فيصلو ڪرڻ چاهي ٿي ته حوثين کي مخصوص شيون حاصل ڪرڻ کان روڪڻ لاءِ ميمبر ملڪن کي ڪهڙا قدم کڻڻ گهرجن. ميڪنٽوش چيو ته لنڊن ايندڙ مهينن ۾ سلامتي ڪائونسل جي ميمبرن سان گڏجي "ٻٽي استعمال وارين شين جي اهڙي فهرست تي اتفاق ڪرڻ لاءِ ڪم ڪندو، جن تي پابنديون لاڳو ڪري سگهجن." ٺهراءَ ۾ ماهرن جي پينل کي اهو پڻ چيو ويو ته هو يمن جي اهم معاشي شعبن تي ڪنٽرول ذريعي حوثين کي حاصل ٿيندڙ آمدنيءَ جو جائزو وٺي. ان آمدنيءَ سبب اثاثا منجمد ڪرڻ واري پابنديءَ جو اثر گهٽجي ويو آهي. پينل کي اها سفارش ڪرڻ لاءِ پڻ چيو ويو ته ان رقم کي فوجي مقصدن لاءِ استعمال ٿيڻ کان ڪيئن روڪي سگهجي ٿو. سلامتي ڪائونسل ڀيهر تصديق ڪئي ته حوثين پاران گڏيل قومن، سفارتي ۽ انساني همدرديءَ جي عملي کي بنا جواز حراست ۾ رکڻ وڌيڪ پابندين جو سبب بڻجي سگهي ٿو. بحرين، جنهن کي آمريڪا جي حمايت حاصل هئي، ٺهراءَ ۾ اها شق شامل ڪرڻ جي تجويز ڏني هئي. اهو قدم گڏيل قومن جي انساني حقن واري آفيس ۾ ڪم ڪندڙ يمن جي شهري ملازم محمد الشامي جي حوثين جي حراست ۾ فوت ٿيڻ کان پوءِ کنيو ويو. کيس 6 جون 2024ع کان مليشيا بنا جواز حراست ۾ رکيو هو ۽ سندس خاندان کي تازو ئي اطلاع ڏنو ويو ته هو هڪ مهيني کان وڌيڪ وقت اڳ فوت ٿي چڪو هو. ميڪنٽوش چيو ته "برطانيا گڏيل قومن، انساني همدرديءَ جي تنظيمن، سول سوسائٽي ۽ سفارتي عملي کي حوثين پاران مسلسل حراست ۾ رکڻ جي مذمت ڪري ٿو." هن انهن ماڻهن جي "فوري ۽ غيرمشروط آزاديءَ" لاءِ برطانيا جو اڳ ۾ ڪيل مطالبو پڻ ورجايو. جيتوڻيڪ آخرڪار ٺهراءُ اتفاق راءِ سان منظور ٿيو، پر ان تي ڳالهين دوران ڏکيائيون پيش آيون. برطانيا ٺهراءَ ۾ اهڙا لفظ ٻيهر شامل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جن ۾ حوثين کي "دهشتگرد گروپ" قرار ڏنو ويو هو. اهي لفظ 2022ع کان پوءِ پابندين بابت اڳوڻن ٺهراءَن ۾ استعمال ڪيا ويا هئا. روس جي اعتراض کان پوءِ برطانيا اها ڪوشش ڇڏي ڏني، ڇاڪاڻ ته روس جو موقف هو ته اهڙي اصطلاح سان سياسي ڳالهين ۾ رڪاوٽ پيدا ٿيندي. سلامتي ڪائونسل جي عرب ميمبر بحرين، آمريڪا جي حمايت سان، اهي لفظ ٻيهر شامل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اها درخواست قبول نه ڪئي وئي. چين، روس جي حمايت سان، ٻٽي استعمال وارين شين جي فهرست ۽ ماهرن جي پينل ۾ واڌ جي تجويز جي مخالفت ڪئي. صوماليا ۾ الشباب سان حوثين جي لاڳاپن بابت متن پڻ ڪائونسل جي آفريقي ميمبرن، چين ۽ روس جي اعتراضن کان پوءِ ڪڍيو ويو. گڏيل قومن ۾ يمن جي سفير عبدالله السعدي حوثين جي مذمت ڪرڻ تي سلامتي ڪائونسل جي فيصلي جي آجيان ڪئي، پر افسوس جو اظهار ڪيو ته ڪائونسل "شين کي انهن جي اصل نالن سان سڏڻ تي اتفاق نه ڪري سگهي." هن مليشيا جي ان رڪارڊ جو حوالو ڏنو، جنهن کي هن "دهشتگرديءَ جي ڀرپور تاريخ" قرار ڏنو. ان ۾ شهرين تي حملا، سرحد پار حملا ۽ عالمي سامونڊي جهازن کي نشانو بڻائڻ شامل آهن. السعدي چيو ته "ٺهراءَ ۾ انهن سڀني ڳالهين جو ذڪر نه ڪرڻ سان حوثين جي حمايت ڪندڙ ڌريون پنهنجي ذميوارين کان آجيون نٿيون ٿي سگهن." هن مليشيا تي "بک کي جنگي هٿيار طور استعمال ڪرڻ" جو الزام پڻ لڳايو ۽ طائز شهر جو حوثين پاران ڪيترن سالن کان جاري گهيرو ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. سلامتي ڪائونسل ۾ اهو فيصلو اهڙي وقت ٿيو آهي، جڏهن يمن ۾ تازن هفتن دوران جنگ ٻيهر شدت اختيار ڪري ورتي آهي. ايران جي حمايت يافته حوثين سيپٽمبر جي شروعات ۾ فوجي حملو شروع ڪيو ۽ سرڪاري فوجن سان ڪيترن ڏينهن جي ويڙهه کان پوءِ ڳاڙهي سمنڊ جي اهم بندرگاهه مخا تي قبضو ڪري ورتو. ان سان گڏ هنن يمن جي ڳاڙهي سمنڊ واري پوري سامونڊي ڪناري تي ڪنٽرول حاصل ڪري ورتو ۽ باب المندب سامونڊي لنگهه جي ڀرپاسي ۾ پنهنجي پوزيشن وڌيڪ مضبوط ڪري ورتي. مليشيا ميزائلن ۽ ڊرون حملن جي هڪ سلسلي ذريعي سعودي عرب جي علائقن کي پڻ نشانو بڻائڻ شروع ڪيو. انهن حملن ۾ ڳاڙهي سمنڊ جي ڪناري تي ينبع ۾ شهري هوائي اڏا ۽ تيل جا ٺڪاڻا پڻ شامل هئا. آمريڪا ۽ اسرائيل سان فيبروريءَ ۾ شروع ٿيل جنگ دوران ايران پاران آبنائي هرمز جي بندش کان پوءِ ينبع سعودي عرب جي برآمدات جو مکيه رستو بڻجي ويو هو. ميڪنٽوش نشاندهي ڪئي ته هن وقت يمن جي 22.3 ملين کان وڌيڪ ماڻهن کي انساني همدرديءَ جي بنياد تي امداد جي ضرورت آهي، جڏهن ته رڳو تازي ويڙهه سبب 330,000 کان وڌيڪ ماڻهو بي گهر ٿي چڪا آهن. هن چيو ته "پابنديون پاڻ ۾ ڪو آخري مقصد ناهن، پر اهي انهن ماڻهن کي محدود ڪرڻ جو هڪ ذريعو آهن، جيڪي يمن جي امن ۽ سلامتيءَ لاءِ خطرو بڻجن ٿا." السعدي چيو ته هن ٺهراءَ جي حقيقي اهميت جو دارومدار "زمين تي ان تي عملدرآمد" ۽ سلامتي ڪائونسل جي ان صلاحيت تي هوندو ته اها ان جي شقن کي اهڙن قدمن ۾ تبديل ڪري، جيڪي "هٿيارن جي فراهميءَ جي وهڪري کي روڪي سگهن".

بقايا *** 02

بلاول ڀٽو زرداري واضح ڪري چڪا آهن ته عوام جو جيڪو فيصلو هوندو، اهو ئي سنڌ جي تقدير جو فيصلو ڪندو. ڪراچي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي ناصر حسين شاهه چيو ته نوان صوبا ناهڻ بابت ريفرنڊم ٿي سگهي ٿو، پر ان لاءِ به هڪ طئي ٿيل طريقيڪار موجود آهي. هن چيو ته صوبي جي قيام لاءِ صوبائي اسيمبليءَ مان ٻه ٽهائي اڪثريت سان بل منظور ڪرائڻ جو طريقو آئين ۾ موجود آهي. جن اسيمبلين صوبن ناهڻ بابت ٺهراءُ منظور ڪيا آهن، اهي پهرين اڳتي وڌن. اسان کي ڪو اعتراض ناهي. ناصر حسين شاهه چيو ته صدر زرداري، بلاول ڀٽو زرداري ۽ سنڌ جو وڏو وزير به آئين جي ڳالهه ڪن ٿا. صوبي بابت سنڌ اسيمبلي ۽ عوام پنهنجو واضح فيصلو ڏئي چڪا آهن، جنهن جو احترام ٿيڻ گهرجي. هن چيو ته صدر زرداري ۽ گهرو وزير محسن نقوي جا لاڳاپا ذاتي نوعيت جا آهن، تنهنڪري سندن ملاقات بابت قياس آرائي مناسب ناهي. سندس چوڻ هو ته محسن نقوي جي صدر زرداري سان ملاقات نه ته صوبن جي معاملي تي هئي ۽ نه ئي ڪنهن ٻئي اهڙي موضوع تي. صدر زرداري سان سندس ذاتي لاڳاپا آهن، جنهن سبب هو ملاقات لاءِ آيو هو. ٻنهي وچ ۾ ڪجهه معاملن تي ضرور ڳالهه ٻولهه ٿي هوندي. پيپلز پارٽي اڳواڻ چيو ته ملاقات بابت جيڪي قياس آرائيون ڪيون پيون وڃن، انهن مان ڪا به ڳالهه ملاقات ۾ بحث هيٺ نه آئي. هن وڌيڪ چيو ته بلاول ڀٽو کي وزيراعظم سان ملاقات لاءِ ڪنهن سفارش جي ضرورت ناهي. اسان ايم ڪيو ايم کي سنجيدگيءَ سان نٿا وٺون، اسان کي ته انهن سان همدردي آهي، کين پهريان پنهنجا اندروني مسئلا حل ڪرڻ گهرجن.

بقايا *** 03

بابت اسٽيئرنگ ڪميٽي جي اجلاس جي صدارت ڪئي. نائب وزيراعظم جي آفيس پاران جاري بيان موجب ڪميٽي برآمدات ۽ ملڪي کپت جي وچ ۾ توازن برقرار رکڻ جي طريقيڪار جو جائزو ورتو ته جيئن مقامي مارڪيٽ ۾ ڪڻڪ جي دستيابي ۽ قيمتن کي مستحڪم رکي سگهجي. نائب وزيراعظم ان ڳالهه تي زور ڏنو ته آبادگارن جو تحفظ ۽ صارفين کي مناسب قيمت تي ڪڻڪ جي فراهمي حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي. هن لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪئي ته کاڌي پيتي جي شين جي قيمتن جي سخت نگراني ڪئي وڃي ۽ عوام کي وڌ کان وڌ ريليف فراهم ڪرڻ جي لاءِ موثر ضابطاجاتي نگراني يقيني بڻائي وڃي. اجلاس ۾ واپار واري وفاقي وزير، وزيراعظم جي خاص معاون طارق باجوه، واپار ۽ قومي غذائي تحفظ ۽ تحقيق وارن سيڪريٽرين سميت لاڳاپيل وزارتن ۽ ادارن جي سينيئر نمائندن شرڪت ڪئي.

بقايا *** 04

موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته شاگرد ڪائونسل جو تجويز ڪيل آئين سنڌ حڪومت جي لاڳاپيل کاتي وٽ منظوري لاءِ التوا هيٺ آهي. ڪراچي يونيورسٽي جي جواب موجب شاگرد ڪائونسل جو تجويز ڪيل آئين سينٽرل اسٽوڊنٽس ايڊوائزري ڪائونسل تيار ڪيو هو، جنهن کي وائيس چانسلر جي هدايت تي يونيورسٽي جي رجسٽرار 12 ڊسمبر 2022 تي کاتي جامعات ۽ بورڊز سنڌ ڏانهن منظوري لاءِ موڪليو هو، پر ان جي منظوري اڃا تائين نه ڏني وئي. ڪراچي يونيورسٽي موقف اختيار ڪيو ته درخواستگذار پنهنجي ڪنهن بنيادي آئيني حق جي خلاف ورزي ثابت نه ڪري سگهيا. شاگرد يونينز جي بحالي ۽ چونڊن جي طريقيڪار لاءِ آئين سازي جو عمل اڳ ئي شروع ڪيو ويو هو. جواب ۾ وڌيڪ چيو ويو ته سنڌ هاءِ ڪورٽ ان کان اڳ به ساڳي معاملي تي درخواست رد ڪري چڪي آهي، ان ڪري نئين درخواست به ناقابل سماعت قرار ڏئي رد ڪئي وڃي. ٻئي پاسي درخواستگذار جي وڪيل عثمان فاروق ايڊووڪيٽ موقف اختيار ڪيو ته قانونن تحت قاعدا ۽ ضابطا ناهڻ کان سواءِ به شاگرد يونينز جون چونڊون ڪرائي سگهجن ٿيون. سندس موجب ڪراچي يونيورسٽي پاران قاعدن جي منظوري نه ٿيڻ کي جواز بڻائڻ قابل قبول ناهي. عدالت درخواست جي ٻڌڻي اڻ ڄاڻايل مدي لاءِ ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا *** 05

ت ۾ خدمتن بابت عوامي آگاهي وڌائڻ تي اتفاق ڪيو ويو. آهيان حوالي سان مفاهمت ڪراچي پريس ڪلب پاران پي بي اي جي چيئرمين ظفر مسعود جي اڳواڻي ۾ آيل وفد جي مان ۾ ڏنل خاص آجيائي دوران ٿي. تقريب ۾ بينڪاري جي شعبي جي نمائندن ۽ صحافتي برادري شرڪت ڪئي ۽ باهمي سهڪار جي امڪانن تي خيالن جي ڏي وٺ ٿي. ان موقعي تي ڪراچي پريس ڪلب جي سيڪريٽري اسلم خان، اڳوڻي سيڪريٽري محمد رضوان ڀٽي، اڳوڻي خزانچي راجا ڪامران، ڪاشف منير سميت صحافتي برادري جا ٻيا ميمبر به موجود هئا. ڪي پي سي جي سيڪريٽري اسلم خان وفد کي ڪلب جي مختلف سرگرمين کان آگاهه ڪيو، جن ۾ صحافين لاءِ پيشوراڻه تربيتي پروگرام، صحت ۽ تعليم جون سهولتون ۽ ميمبرن لاءِ تفريحي موقعا شامل آهن. طاهر علي هاشمي ٽيرس ۾ آجيائي کي خطاب ڪندي ظفر مسعود دوري کي پنهنجي گهرواپسي قرار ڏنو ۽ صحافت سان پنهنجي خاندان جي پراڻي وابستگي جو ذڪر ڪيو. هن چيو ته سندس پرورش ڪراچي پريس ڪلب جي ماحول ۾ ٿي، هو ننڍپڻ ۾ پنهنجي مرحوم ناني ۽ مامين سان گڏ هتي ايندو هو ۽ سندس خاندان جا گهڻا ماڻهو صحافت سان لاڳاپيل رهيا آهن. هن چيو ته هو پيشي جي لحاظ کان بينڪر آهي، پر پاڻ کي پهريان صحافتي برادري جو حصو سمجهي ٿو. ظفر مسعود چيو ته بينڪاري جي صنعت ۽ ميڊيا ٻئي باخبر عوامي راءِ عام جي جوڙجڪ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون. سندس موجب ٻنهي شعبن وچ ۾ ويجها رابطا معلومات جي خال کي گهٽائڻ، گڏيل سمجهه کي هٿي ڏيڻ ۽ قومي اهميت جي معاملن تي تعميري گفتگو کي اڳتي وڌائڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿا. ان موقعي تي پي بي اي جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر ۽ سيڪريٽري جنرل منير ڪمال صحافت جي هٿي ڪراچي پريس ڪلب جي ڏهاڪن خدمتن کي ساراهيندي ان کي آزاداڻه سوچ، پيشوراڻه خيال ونڊڻ ۽ عوامي بحث جو اهم پليٽ فارم قرار ڏنو. هن چيو ته ميڊيا سان بامعني رابطي سان بينڪاري جي صنعت کي پنهنجو نقطو پيش ڪرڻ سان گڏ عوامي خدشن ۽ اميدن کي سمجهڻ جو موقعو به ملي ٿو. منير ڪمال ڪراچي پريس ڪلب جي قيادت کي ان جي شاندار روايتن کي برقرار رکڻ ۽ تاريخي عمارت جي سار سنڀال تي به خراج تحسين پيش ڪيو.

بقايا *** 06

جي فراهمي معمول موجب جاري آهي. هن چيو ته بجلي بند هجڻ سبب ڪراچي کي لڳ ڀڳ 130 ملين گيلن پاڻي جي کوٽ کي منهن ڏيڻو پوندو. جڏهن ته شهر کي روزانو 650 ملين گيلن پاڻي فراهم ڪيو ويندو آهي.

بقايا *** 07

نويد خاتون اول جو استقبال ڪيو ۽ کيس پاڪستان نيوي وومين ايسوسيئيشن جي سرگرمين ۽ فلاحي قدمن بابت بريفنگ ڏني. ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب خاتون اول مختلف اسٽالز جو دورو ڪيو جتي ان قدمن سان واڳيل عورتن جي تيار ڪيل دستڪاري مصنوعات ۽ گهريلو استعمال جون شيون نمائش جي لاءِ رکيل هيون. هن عورتن جي هنرمندي، لڳاءُ ۽ محنت کي ساراهيندي انهن پاران مهارتن کي فروغ ڏيڻ ۽ پنهنجي خاندانن جي ڀلائي ۾ ڪردار ادا ڪرڻ جي ڪوشش کي ساراهه جوڳو قرار ڏنو. دوري دوران خاتون اول کي ٻڌايو ويو ته پاڪستان نيوي وومين ايسوسيئيشن عورتن کي عملي مهارتن سان ليس ڪرڻ جي لاءِ هڪ ووڪيشنل انسٽيٽيوٽ پڻ هلائي رهي آهي. کيس وڌيڪ آگاهه ڪيو ويو ته انهن عورتن جي تيار ڪيل مصنوعات جي وڪري سان حاصل ٿيندڙ آمدني ٻيهر ايسوسيئيشن کي فراهم ڪئي وڃي ٿي ته جيئن ان قدم سان واڳيل عورتن جي ڀلائي جي لاءِ استعمال ڪري سگهجي. 1970ع ۾ قائم ٿيندڙ پاڪستان نيوي وومين ايسوسيئيشن، پاڪ بحريه جي حاضر سروس ۽ رٽائرڊ اهلڪارن جي خاندانن خاص طور تي شهيدن جي گهرڀاتين جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪري رهي آهي. گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن دوران اها ايسوسيئيشن هڪ ڀرپور اداري جي شڪل اختيار ڪري چڪي آهي جيڪا بحريه سان واڳيل خاندانن جي سماجي ۽ اقتصادي ترقي جي لاءِ مختلف قدم کڻي رهي آهي. فيسٽيول ۾ عورت سفارتڪارن ۽ سفيرن جي گهروارين پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا *** 08

ريشن جي اقتصادي اڳواڻن جي اجلاس جي صدارت ڪري اتي خطاب ڪندو. پرڏيهي ميڊيا چين جي پرڏيهي معاملن واري وزارت جي ترجمان جي حوالي سان گذريل ڏينهن بيان ۾ ٻڌايو آهي ته اهو اجلاس 18 کان 19 نومبر تائين چين جي شهر شينزن ۾ منعقد ٿيندو، جنهن جو موضوع "گڏيل خوشحالي لاءِ ايشيا پيسفڪ ڪميونٽي جي تعمير" رکيو ويو آهي. ترجمان ٻڌايو ته اپيڪ سي اي او سمٽ به 17 کان 18 نومبر تائين شينزن ۾ منعقد ٿيندي، جنهن جو موضوع "گڏجي ڪري خوشحال ۽ روشن مستقبل ڏانهن وڌڻ" آهي. صدر شي جن پنگ ان سمٽ جي افتتاحي تقريب ۾ به شرڪت ڪندو ۽ اهم خطاب ڪندو. ترجمان چيو ته چين جو صدر اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙ عالمي اڳواڻن ۽ نمائندن جي اعزاز ۾ آجيائي لاءِ رات جي ماني جي دعوت ڏيندو، جڏهن ته اجلاس جي موقعي تي مختلف ملڪن جي سربراهن سان ٻه طرفيون ملاقاتون به ڪندو.

بقايا *** 09

شينزن ۾ ايشيا پيسفڪ سربراهي اجلاس ۾ شرڪت ڪندي. پرڏيهي ميڊيا مطابق جاپان جي حڪومت گذريل ڏينهن ان ڳالهه جي تصديق ڪئي آهي. جاپان جي نائب چيف ڪابينا سيڪريٽري ماسانا اوزاڪي ٻڌايو ته وزيراعظم سانائي تاڪائيچي 16 کان 19 نومبر تائين فلپائن ۽ چين جو دورو ڪندي، جتي هوءَ آسيان بابت سربراهي اجلاسن ۽ اپيڪ سربراهي اجلاس ۾ شرڪت ڪندي. اپيڪ اجلاس ۾ سانائي تاڪائيچي، سيڙپڪاري، علائقائي اقتصادي انضمام، اقتصادي ۽ توانائي جي شعبن ۾ استحڪام ۽ ڊجيٽل معيشت سميت مختلف معاملن بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪندي ۽ انهن معاملن تي جاپان جو موقف پيش ڪندي. جڏهن ته اجلاس جي موقعي تي چين جي صدر شي جن پنگ سان سندس ڪنهن به ملاقات يا رابطي تي خصوصي ڌيان ڏنو ويندو. شينزن روانگي کان اڳ هوءَ فلپائن جي گادي واري شهر منيلا ويندي، جتي 11 ملڪن تي ٻڌل تنظيم آسيان جي اجلاس ۾ شرڪت ڪندي. آسيان اجلاس جي موقعي تي ڪواڊ سربراهي اجلاس منعقد ڪرڻ جا انتظام پڻ ڪيا پيا وڃن، جنهن ۾ آسٽريليا، ڀارت، جاپان ۽ آمريڪا جي اڳواڻن جي شرڪت جو امڪان آهي.

بقايا *** 10

ت هٿ اچڻ واري ڪيس ۾ جوابدار کي پيش ڪرڻ جو حڪم ڏيندي پروڊڪشن آرڊر جاري ڪري ڇڏيا آهن. جمعي تي صوبائي انسداد منشيات عدالت ۾ ڊرگ ڊيلر انمول عرف پنڪي خلاف منشيات هٿ اچڻ واري ڪيس جي ٻڌڻي ٿي. عدالت جوابدار کي پيش ڪرڻ لاءِ پروڊڪشن آرڊر جاري ڪندي حڪم ڏنو ته انمول عرف پنڪي کي عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي ته جيئن ڪيس جي ڪارروائي اڳتي وڌائي سگهجي. پوليس موجب جوابدار انمول عرف پنڪي خلاف ڊفينس ٿاڻي ۾ منشيات هٿ اچڻ جو ڪيس داخل آهي، جنهن ۾ هن تي فرد جرم به لاڳو ٿي چڪو آهي. ڊفينس پوليس شريڪ جوابدارن جي بيانن جي روشني ۾ پنڪي کي ڪيس ۾ نامزد ڪيو هو. پوليس موجب جوابدارن خلاف منشيات هٿ اچڻ جو ڪيس 2022 ۾ قائم ڪيو ويو هو.

بقايا *** 11

ندي خبردار ڪيو آهي ته ان سان خطي ۾ وڌيڪ عدم استحڪام پيدا ٿي سگهي ٿو. پرڏيهي ميڊيا موجب صدارتي ترجمان گذريل ڏينهن جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته اسرائيلي پاليسيون خطي کي وڌيڪ ڇڪتاڻ ۽ عدم استحڪام طرف ڌڪي رهيون آهن. هن اولهه ڪناري ۾ اسرائيلي آبادڪارن جي حملن تي پڻ ڳڻتي جو اظهار ڪيو. هن عالمي برادري کان مطالبو ڪيو ته اهي فلسطينين جي تحفظ ۽ تڪرار جي خاتمي لاءِ پنهنجون ڪوششون تيز ڪري.

بقايا *** 12

ي صدارت هيٺ ٿيو، جنهن ۾ ڪيپيٽل ڊولپمينٽ اٿارٽي (سي ڊي اي) جي چيئرمين، بئنڪن جي شعبي جي نمائندن ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن شرڪت ڪئي. اجلاس دوران بئنڪن جي شعبي جي نمائندن ڪيش ليس اسلام آباد منصوبي کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ سهڪار جي خاطري ڪرائي. ان موقعي تي طلال چوڌري چيو ته ڪيش ليس اسلام آباد منصوبي جي ڪاميابي لاءِ سمورن لاڳاپيل ڌرين سان صلاح مشورا ۽ سندن تجويزون اهم آهن، جڏهن ته وزيراعظم ۽ گهرو وزير جي هدايتن تي منصوبي تي تيزيءَ سان عمل جاري آهي. هن چيو ته 30 نومبر کانپوءِ اسلام آباد جي انتظامي علائقي ۽ سي ڊي اي جي ڪنهن به کاتي ۾ روڪ ادائيگي نه ڪئي ويندي، جڏهن ته 31 ڊسمبر تائين اسلام آباد جي سمورن واپارين کي روڪ کانسواءِ ادائيگي واري نظام ۾ شامل ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي. طلال چوڌري چيو ته روڪ کانسواءِ ادائيگي واري نظام سان مالي شفافيت، ٽيڪسن جي نگراني ۽ ڏيتي ليتي جي نظام ۾ بهتري ايندي. اسلام آباد ۾ اڳ ئي 26 هزار واپاري ڊجيٽل ادائيگي واري نظام سان ڳنڍيل آهن، جڏهن ته ريڙهي وارن کان وٺي وڏن ڪاروباري مرڪزن تائين هر هنڌ ڊجيٽل ادائيگي جي سهولت فراهم ڪئي ويندي.

بقايا *** 13

جي فڪر ۽ پيغام کي سمجهندي خوداعتمادي، خودي، محنت ۽ عمل کي پنهنجو شعار بڻائين ڇو ته ملڪ جي مستقبل جي ذميواري نوجوانن جي ڪلهن تي لاڳو ٿئي ٿي ۽ ملڪ کي اڳتي وٺي وڃڻ جي ذميواري انهن جي هٿ ۾ آهي. نوجوانن ملڪ جي قيام ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو. پاڪستان کي ترقي ۽ خوشحالي جي راهه تي گامزن ڪرڻ ۾ انهن جو اهم ڪردار آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن جمعي ڏينهن هتي ڊائريڪٽوريٽ اليڪٽرانڪ ميڊيا اينڊ پبليڪيشن (ڊيمپ) جي اهتمام هيٺ اقبال ڏهاڙي جي مناسبت سان منعقد پينٽنگز جي نمائش جي موقعي تي تقريب کي خطاب دوران ڪيو. هن چيو ته علامه اقبال 100 سال اڳ جيڪو پيغام ڏنو هو ۽ اڳتي هلي اهو پاڪستان قائم ٿيڻ جو بنياد بڻيو ان کي اڄ جي نوجوان نسل سمجهي ٿي. اشفاق احمد خليل چيو ته اسان جي اٽڪل 60 سيڪڙو آباديءَ نوجوانن تي ٻڌل آهي ۽ ملڪ کي اڳتي وٺي وڃڻ جي ذميواري انهن جي هٿ ۾ آهي. هن چيو ته اسان جي قائدين ۽ بزرگن جي پيغام تي نوجوانن ملڪ قائم ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ هاڻي ترقي جي لاءِ به انهن تي ذميواري لاڳو ٿئي ٿي. هن ڊيمپ جي ڪوشش جو ذڪر ڪندي چيو ته اقبال ڏهاڙي جي مناسبت سان هڪ منفرد تقريب منعقد ڪئي وئي آهي. اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي سيڪريٽري چيو ته ڊيمپ علامه اقبال جي فڪر ۽ فلسفي جي فروغ جي لاءِ تيار ڪيل دستاويزي فلم ۾ ان جي ڪلام جي چونڊ خوبصورتي سان ڪئي آهي، جڏهن ته شاگردن جي تيار ڪيل دستاويزي فلم ۾ پيش ڪيل علامه اقبال جي پيغام کي اڄ جي نوجوان نسل چڱي طرح سمجهي ٿي، فلم ۾ خودي جي درس تي خاص ڌيان ڏنو ويو جڏهن ته چونڊ فوٽيجز پڻ شاندار آهن. ڊجيٽل ۽ سوشل ميڊيا جي حوالي سان هن چيو ته ان جا فائدا به آهن ۽ نقصان به آهن. اسان کي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته ٽيڪنالاجي جو مثبت استعمال ڪريون. هن چيو ته نوجوان نسل ڊجيٽل ميڊيا استعمال ڪري ٿي ۽ ٽيڪنالاجيز جي ترقي سان ان ۾ جدت آئي آهي، مصنوعي ذهانت (اي آءِ) جو استعمال نوجوانن ۾ وڌيڪ آهي جڏهن ته ان جو ذميوارانو استعمال ضروري آهي ته جيئن معاشري کي فائدو ٿئي. اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي سيڪريٽري چيو ته اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ جي هدايتن موجب وزارت ۾ ڊجيٽل ميڊيا جو خصوصي شعبو قائم ڪيو ويو جنهن سان حقيقتن تي ٻڌل صحيح اطلاع فراهم ڪئي وڃي ٿي، اسان کي ڊجيٽل ميڊيا جي ان ڪردار کي اجاگر ڪرڻ گهرجي جيڪو ملڪ جي مفاد ۾ هجي. هن چيو ته اطلاعات ۽ نشريات واري وزارت پاران نوجوان نسل جي لاءِ کنيل قدمن کي ڊيجيٽل ميڊيا جي ذريعي ڦهلايو پيو وڃي. هن چيو ته پاڪ ڀارت تڪرار دوران ڊيجيٽل جي موجوده دور ۾ ڀارت پاران ڪوڙ تي ٻڌل بيانيو پکيڙيو ويو جيڪو ناڪام ٿيو جڏهن ته پاڪستان جو حقيقتن تي ٻڌل بيانيو پوري دنيا تسليم ڪيو. عالمي برادري جي لاءِ پاڪستان ٽي وي جي انگريزي ۾ نشريات جي شروعات ڪئي وئي آهي.

بقايا *** 14

100 انڊيڪس 1060 پوائنٽس جي اضافي بعد هڪ لک 78 هزار 434 پوائنٽس جي سطح تي پهچي ويو. شروعاتي ڪاروباري سيشن دوران مجموعي طور تي 44 ڪروڙ 6 لک شيئرز جي ڏيتي ليتي ٿي جنهن جي ماليت 14 ارب 58 ڪروڙ روپيا رڪارڊ ڪئي وئي. ان دوران 567 ڪمپنين جي شيئرز جو ڪاروبار ٿيو جنهن مان 334 ڪمپنين جي شيئرز جي قيمتن ۾ اضافو، 169 ۾ گهٽتائي جڏهن ته 84 ڪمپنين جي شيئرز جون قيمتون مستحڪم رهيون. فيوچر ٽريڊنگ تحت 2 ارب 83 ڪروڙ روپين جي ماليت جا سودا طئي ٿيا. شروعاتي سيشن ۾ ورلڊ ڪال ٽيليڪام لميٽيڊ جو 6 ڪروڙ 99 لک 10 هزار شيئرز، ڪوهه نور اسپننگ ملز جو 3 ڪروڙ 67 لک 30 هزار شيئرز ۽ دوست اسٽيل لميٽيڊ جو 3 ڪروڙ 65 لک 80 هزار شيئرز جو ڪاروبار ٿيو. يوسف ويوونگ ملز لميٽيڊ، چناب لميٽيڊ ۽ ديوان شوگر ملز پهرين نمبر تي ايڊوانسر ڪمپنيون رهيون.

بقايا *** 15

يا موجب امن مشن لاءِ آمريڪي صدر جي ايلچي اسٽيو ٽڪوف ڊبلن ۾ صحافين کي ٻڌايو ته اسان جي شيڊول ۾ هڪ ٻي ملاقات شامل آهي. هو اتي هڪ ٻئي ايلچي جيرڊ ڪشنر سان گڏ پهتو آهي جيڪو آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جو نياٽو پڻ آهي. هو ماسڪو مان اتي پهتو آهي جتي هن روسي صدر سان ملاقات ڪئي هئي. ڊبلن ۾ جيرڊ ڪشنر ۽ اسٽيو ٽڪوف جي يوڪريني صدر ولوديمير زيلنسڪي سان ملاقات شيڊول هئي. يوڪرين ۾ امن جي حوالي سان ڳالهائيندي آمريڪي صدر چيو ته اسان سڀ ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ سخت محنت ڪنداسين. هن ڳالهين جي ايندڙ دور لاءِ ڪنهن خاص تاريخ جو ذڪر نه ڪيو.

بقايا *** 16

آهي. پرڏيهي ميڊيا مطابق منظور ڪيل ان قرارداد تحت، پابندين ۾ شامل ماڻهن ۽ ادارن جي اثاثن کي ڄمائڻ ۽ سفري پابندين جي قدمن کي 14 نومبر 2027ع تائين وڌائي ڇڏيو آهي. سلامتي ڪائونسل يمن سان تعلق رکندڙ ماهرن جي پينل جي مينڊيٽ ۾ به هلندڙ سال ڊسمبر تائين واڌ ڪري ڇڏي آهي. سلامتي ڪائونسل حوثين تي زور ڀريو آهي ته هو فوري ۽ غير مشروط طور پنهنجون فوجي ڪارروائيون بند ڪن، جن ۾ عام شهري، شهري ٺڪاڻا، واپار جا هوائي اڏا ۽ عالمي بحري گذرگاهن کي نشانو بڻائڻ شامل آهي. گڏيل قومن ۾ برطانيا جي مستقل نمائندي چيو آهي ته اها قرارداد يمن ۽ خطي ۾ حوثين جي حملن خلاف ڪائونسل جي عزم جو مظهر آهي. هن چيو ته ان فيصلي سان هٿيارن تي پابندي وڌيڪ اثرائتي ٿيندي، خاص طور هٿيارن جي تياري ۾ استعمال ٿيندڙ ڪچي ڪيميڪلز ۽ ٻين شين تي نظر رکي ويندي، جن جي فهرست ايندڙ مهيني ۾ تيار ڪئي ويندي. اجلاس ۾ سعودي عرب تي حوثي گروپ جي حملن جي به مذمت ڪئي وئي آهي.

بقايا *** 17

گڏيل جاچ ٽيم (جي آءِ ٽي) کي جاچ مڪمل ڪرڻ لاءِ وڌيڪ 10 ڏينهن جي مهلت به ڏئي ڇڏي. ڪيس جي ٻڌڻي دوران نئين جاچ آفيسر مير رضا ۽ سندس بزنس پارٽنر احمد پاردي جي اليڪٽرانڪ ڊوائيسز جي لائيو فرانزڪ جاچ جي اجازت لاءِ درخواست داخل ڪئي. جاچ آفيسر عدالت کي ٻڌايو ته پنجاب فرانزڪ سائنس ايجنسي ۽ نيشنل سائبر ڪرائم انويسٽيگيشن ايجنسي (اين سي سي آءِ اي) پاران جاري ڪيل فرانزڪ رپورٽن جو جائزو ورتو ويو آهي. جاچ آفيسر موجب جي آءِ ٽي ۽ اهلخانا جي تجويز آهي ته اليڪٽرانڪ ڊوائيسز جو لائيو فرانزڪ معائنو وڌيڪ فائديمند ثابت ٿي سگهي ٿو ۽ ان عمل ذريعي جوابدارن خلاف وڌيڪ ثبوت سامهون اچڻ جو امڪان آهي.

بقايا *** 18

گهرو وزير دهشتگردن جا ناپاڪ منصوبا ناڪام بڻائڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي پيشوراڻين صلاحيتن ۽ غير معمولي همت کي ساراهيو. هن چيو ته وڏي انگ ۾ دهشتگردن کي پنهنجي انجام تائين پهچائڻ تي هو سيڪيورٽي فورسز کي سلام پيش ڪري ٿو. چيو ته فورسز جا بهادر سموري قوم جو سرمايو آهن. وفاقي گهرو وزير محسن نقوي ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته سيڪيورٽي فورسز ملڪ مان ڀارتي اسپانسرڊ دهشتگردن جي مڪمل خاتمي لاءِ پرعزم آهن ۽ سموري قوم دهشتگردي خلاف ان جنگ ۾ پنهنجي سيڪيورٽي فورسز سان مضبوطي سان گڏ بيٺل آهي.

بقايا *** 19

هون آيو ته ان تي ڳالهه ٻولهه ڪنداسين. صحافين سان ڳالهائيندي فريال ٽالپر چيو ته سنڌ ۽ پنجاب جي ترقيءَ جو ڀيٽ ڪرڻ وارا غلط ڪن ٿا. سنڌ ۾ به ترقياتي ڪم ٿي رهيا آهن.

بقايا *** 20

ڪيو ته عدم برداشت ۽ بي حسي معاشري ۾ نفرت، تڪرارن ۽ دورين کي جنم ڏئي ٿي تنهن ڪري اسان کي نفرت ۽ خود غرضي بدران همدردي، ايثار ۽ خدمت جي جذبي کي هٿي ڏيڻي پوندي. سنڌ جي وڏي وزير عوام کي اپيل ڪندي چيو ته هو هڪٻئي جي عزت ڪن، ضرورتمندن جي مدد ڪن ۽ ٻين لاءِ آسانيون پيدا ڪن. پنهنجي پيغام جي پڇاڙي تي هن ان عزم جو اظهار ڪيو ته اچو ته نيڪي، محبت ۽ مهرباني کي پنهنجي روزمره جي زندگي جو مستقل حصو بڻايون

بقايا *** 21

۽ فتنه الهندستان جي دهشتگردن جي خلاف ڪامياب آپريشن تي سيڪيورٽي فورسز کي ڀرپور خراج تحسين پيش ڪيو آهي. جمعي ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب صدر آپريشن دوران وڏي مقدار ۾ هٿيار ۽ ڌماڪيدار مواد برآمد ڪرڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي پيشوراڻي مهارت کي ساراهيو. هن چيو ته سيڪيورٽي فورسز جا بهادر جوان غيرملڪي سرپرستي ۽ مقامي سهولتڪارن جي پٺڀرائي ۾ سرگرم دهشتگردن جا ناپاڪ ارادا بي مثال بهادري سان خاڪ ۾ ملائي رهيا آهن. ملڪ مان دهشتگردي جي پاڙ کان خاتمي تائين ڀرپور ڪارروايون جلد ڪاميابي ماڻينديون.

بقايا *** 22

پرڏيهي وزير بختيار سعيدوف ٽيليفون ڪئي. پرڏيهي آفيس موجب ٻنهي اڳواڻن ايندڙ گهڻ طرفي اجلاسن جن ۾ اسلام آباد ۾ منعقد ٿيندڙ اي سي او جي پرڏيهي وزيرن جي ڪائونسل جو اجلاس به شامل آهي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. ٽيليفونڪ ڳالهه ٻولهه دوران ٻنهي اڳواڻن ٻطرفي تعاون کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ ۽ گهڻ طرفي فورمن تي گڏيل رابطن ۽ هم آهنگي کي فروغ ڏيڻ جي پنهنجي عزم کي ورجايو. اها ڳالهه ذڪر جوڳي آهي ته اقتصادي تعاون تنظيم (اي سي او) جي وزيرن واري ڪائونسل جو 30هون اجلاس 15 ۽ 16 نومبر تي منعقد ٿي رهيو آهي.

بقايا *** 23

مين بلاول ڀٽو زرداري مير علي ۽ اورڪزئي جي علائقن ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪامياب آپريشنز کي ساراهيندي اهلڪارن کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي. پنهنجي بيان ۾ بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ڀارتي پراڪسي دهشتگردن خلاف سيڪيورٽي فورسز جون ڪامياب ڪارروايون تحسين جوڳيون آهن. دهشتگردي خلاف جنگ ۾ فورسز جون ڪاميابيون قومي عزم ۽ حوصلي جي عڪاسي ڪن ٿيون. هن چيو ته قومي سلامتي ۽ ملڪي استحڪام لاءِ دهشتگرد نيٽ ورڪس جو مڪمل خاتمو ضروري آهي. جڏهن ته ملڪ ۾ امن جي قيام ۽ شهرين جي تحفظ لاءِ سيڪيورٽي فورسز جون قربانيون پوري قوم لاءِ فخر آهي. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته دهشتگردن جي مذموم عزائمن کي ناڪام بڻائڻ لاءِ قومي اتحاد [illegible]

بقايا *** 24

جي مناسبت سان ڊائريڪٽوريٽ آف اليڪٽرانڪ ميڊيا اينڊ پبليڪيشن (ڊيمپ) جي اهتمام هيٺ تصويري ۽ دستاويزي فلمن جي نمائش منعقد ڪئي وئي. اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي سيڪريٽري اشفاق احمد خليل جمعي ڏينهن انفارميشن سروس اڪيڊمي ۾ منعقد نمائش جو افتتاح ڪيو. نمائش ۾ علامه محمد اقبال جي فڪر ۽ فلسفي ۽ شاعري بابت تصويرون رکيون ويون هيون. وفاقي سيڪريٽري تصويرن کي ساراهيندي ڊيمپ کي هدايت ڪئي ته مقابلي ۾ شرڪت ڪندڙ ٻارن جي حوصلا افزائي ڪئي وڃي ۽ انهن کي سرٽيفڪيٽن سان نوازيو وڃي. ان موقعي تي مختلف دستاويزي فلمون پڻ ڏيکاريون ويون جن ۾ علامه اقبال جي شاعري ۽ فلسفي سميت نوجوان نسل جي ڪردار تي خاص ڌيان ڏنو ويو.

بقايا *** 25

ران ڀارتي حمايت يافته الخوارج جي 43 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو جڏهن ته سندن قبضي مان وڏي مقدار ۾ هٿيار ۽ بارودي مواد هٿ ڪيو ويو. پاڪ فوج جي سڌ سماءُ واري شعبي (آءِ ايس پي آر) طرفان جمعي ڏينهن جاري بيان موجب دهشتگرديءَ جي خطرن جي خاتمي ۽ خوارجين جي نيٽ ورڪس کي تباهه ڪرڻ جي عزم تحت خيبرپختونخوا ۾ انٽيليجنس بيسڊ آپريشن جو سلسلو جاري آهي، جنهن جو دائرو هاڻي مير علي ۽ اورڪزئي تائين وڌايو ويو آهي. آءِ ايس پي آر موجب گذريل 48 ڪلاڪن دوران سيڪيورٽي فورسز جي جٿن خوارجين جي ڪيترن ئي ٺڪاڻن کي موثر انداز ۾ نشانو بڻايو. شديد فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ مير علي ۾ ڀارتي حمايت يافته الخوارج جي 35 دهشتگردن کي ماريو ويو جڏهن ته اورڪزئي ۾ 8 دهشتگردن کي ماريو ويو، جنهن سان علائقي ۾ سرگرم دهشتگرد نيٽ ورڪس کي ڪاري ضرب لڳي آهي. علائقي ۾ ڪليئرنس آپريشن دوران وڏي مقدار ۾ هٿيار، بارود ۽ ڌماڪيدار مواد هٿ ڪيو ويو، جنهن ۾ ديسي ساخت جا بم به شامل آهن. فورسز جي وقت سر ڪارروائي سان دهشتگردانه سرگرمين ۾ ان مواد جي استعمال جي ناپاڪ ارادن کي مٽي ۾ ملايو ويو. پاڪ فوج جي ترجمان چيو ته علائقي ۾ لڪل ٻين امڪاني خوارجين جي خاتمي لاءِ ڪليئرنس آپريشن جاري آهي. وفاقي ايپيڪس ڪميٽي مان منظور ٿيل نيشنل ايڪشن پلان جي ويزن عزم استحڪام تحت سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا ملڪ مان پرڏيهي پٺڀرائي ۾ ٿيندڙ دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين پنهنجون ڪارروايون پوري رفتار سان جاري رکندا.

بقايا *** 26

دق ملڪ چيو آهي ته موسمياتي تبديلي جو پهريون ۽ شديد حملو جابلو ماحولياتي نظام تي پوندو آهي جنهن جا اثر آخرڪار سڄي دنيا جي آبي وسيلن، انساني آبادين ۽ معاشي سرگرمين کي متاثر ڪن ٿا. اهڙن خيالن جو اظهار هن جمعي ڏينهن ڪوپ _ 31 ترڪيه جي موقعي تي منعقد اعليٰ سطحي اجلاس Advancing the Mountain Agenda کي خطاب ڪندي ڪيو. وفاقي وزير چيو ته پاڪستان ۾ 13 هزار 500 کان وڌيڪ گليشيئرز جي نشاندهي ٿي چڪي آهي، جيڪي ملڪ جي آبي نظام ۽ لکين ماڻهن جي مستقبل سان ڳنڍيل آهن. گليشيئرز جي تيزي سان ڳرڻ ۽ گليشيئر ليڪ آئوٽ برسٽ فلڊز جا وڌندڙ خطرا جابلو علائقن ۾ انساني زندگين، گهرن، بنيادي ڍانچي ۽ روزگار لاءِ سنگين چئلينج بڻجي رهيا آهن. وفاقي وزير چيو ته گليشيئرز ۽ جابلو ماحولياتي نظام جي تحفظ ۽ موسمياتي تبديلي جي اثرن کي بهتر طور تي سمجهڻ لاءِ عالمي سطح تي سائنسي تحقيق، ٽيڪنالاجي جي منتقلي ۽ گڏيل تعاون کي هٿي ڏيڻ ضروري آهي. هن ان ڳالهه تي زور ڀريو ته جابلو علائقن تي ٿيل تحقيق نه رڳو گليشيئرز ۾ ميداني ۽ قطبي علائقن ۾ موسمياتي خطرن کي سمجهڻ ۾ به مددگار ثابت ٿي سگهي ٿي. وفاقي وزير چيو ته پاڪستان عالمي گرين هائوس گئسن خارج ڪرڻ ۾ هڪ سيڪڙو کان به گهٽ حصو رکي ٿو پر موسمياتي تبديلي سبب سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيندڙ ملڪن ۾ شامل آهي. هن واضح ڪيو ته موسمياتي تبديلي رڳو هڪ ماحولياتي مسئلو ناهي پر انساني بقاءُ، معاشي استحڪام ۽ ايندڙ نسلن جي مستقبل جو سوال آهي.

بقايا *** 27

ڪراچي جي پوش علائقن ۾ گهرن ۾ ڌاڙي جي وارداتن ۾ ملوث بين الصوبائي هائوس رابري گينگ جو انڪشاف ٿيو آهي. پوليس موجب گرفتار زخمي جوابدار جي سڃاڻپ خرم شهزاد عرف عرفان اشرف جي نالي سان ٿي، جڏهن ته بنا ضرب گرفتار جوابدارن ۾ ارشد علي عرف لنگڙو، نسرين اختر عرف شهناز ۽ صغرا عرف پروين شوڪت شامل آهن. جوابدار گذريل رات به مبينا طور ڌاڙي جي واردات جي منصوبابندي لاءِ موجود هئا. ابتدائي جاچ موجب گينگ ۾ مجموعي طور 8 مرد ۽ 2 عورتون شامل آهن. گينگ جي ڇهن ٻين فرار ساٿين جي سڃاڻپ ارشد عرف چاچا، ذيشان علي عرف شاني عرف ياسر علي، نڪو عمران ولد پنو، افتخار ۽ محمد اقبال عرف خان جي نالن سان ٿي آهي. پوليس موجب عمران ولد پنو گينگ جو سرغنو آهي، جنهن خلاف 50 کان وڌيڪ ڪيس داخل ٿيڻ جو رڪارڊ سامهون آيو آهي. پوليس عملدارن چيو ته گرفتار جوابدارن ۽ فرار ساٿين خلاف پنجاب جي مختلف ٿاڻن ۾ به ڪيترائي ڪيس داخل آهن. گينگ جي ميمبرن جو تعلق لاهور، قصور ۽ پاڪپتن سان آهي ۽ اهي پنجاب پوليس کي به مختلف ڪيسن ۾ گهربل آهن. گرفتار ٻنهي عورتن خلاف به پنجاب ۾ 10 کان وڌيڪ ڪيسن جو اڳوڻو رڪارڊ سامهون آيو آهي. ابتدائي جاچ ۾ انڪشاف ٿيو آهي ته عورت جوابدار گهريلو ملازم بڻجي گهرن ۾ نوڪري حاصل ڪنديون هيون ۽ ڪجهه ڏينهن تائين گهر جي حالتن، معمولن ۽ قيمتي سامان بابت معلومات گڏ ڪنديون هيون بعد ۾ انهن جي نشاندهي تي

بقايا *** 28

آهي. جنهن سان يونيورسٽي جي تعليمي نيٽ ورڪ ۾ واڌ ۽ صحت جي شعبي ۾ پيشوراڻي تعليم جا وڌيڪ موقعا پيدا ٿيندا. منظور ڪيل ادارن ۾ سنڌ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل اينڊ الائيڊ سائنسز ڪاليج آف نرسنگ، تقويٰ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز ۽ ڪراچي گيٽ وي انسٽيٽيوٽ آف نرسنگ اينڊ الائيڊ هيلٿ سائنسز شامل آهن. اها منظوري يونيورسٽي جي الحاق ڪميٽي جي سفارشن جي روشني ۾ ڏني وئي ۽ اهو فيصلو يونيورسٽي جي 39هين سنڊيڪيٽ اجلاس ۾ ڪيو ويو، جنهن جي صدارت جي ايس ايم يو جي وائيس چانسلر پروفيسر امجد سراج ميمڻ ڪئي. اجلاس يونيورسٽي ڪيمپس ۾ منعقد ٿيو. سنڊيڪيٽ سنڌ کانسواءِ ٻين صوبن سان تعلق رکندڙ وزٽنگ فيڪلٽي ميمبرن جون خدمتون حاصل ڪرڻ جي منظوري پڻ ڏني. اجلاس ۾ فهم القرآن (قرآني علمن جي تدريسي شعبي) جي عهدي کي اشتهار ڏيڻ ۽ پروفيسر آف نيورو سرجري جي هڪ اضافي منظور ٿيل

بقايا *** 29

سياڻي پاڪستان جي روشن مستقبل جا معمار بڻجندا. ايڪس تي آءِ ايم سي جي گولڙه ڪيمپس جي دوري جي موقعي تي ٻارن سان ڳالهائيندي وڊيو شيئر ڪندي وفاقي وزير چيو ته ننڍڙن ٻارن جي ذهانت، تجسس، پاڪ دل ۽ وڏا خواب ڏسڻ جي صلاحيت پاڪستان جي روشن مستقبل جي اميد پيدا ڪري ٿي. هن ٻارن سان رنگن، شڪلين ۽ ٽيڊي بيئرز جي موضوعن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ انهن جي دلچسپي ۽ ذهانت جو مشاهدو ڪيو. احسن اقبال چيو ته حڪومت شروعاتي ٻاروڻ جي معياري تعليم تي خاص ڌيان ڏئي رهي آهي ته جيئن ٻارن جي صلاحيتن کي ننڍي عمر کان ئي نکاري سگهجي ۽ کين سکڻ، سوچڻ ۽ تخليقي صلاحيتن جي اظهار ڪرڻ جا بهتر موقعا فراهم ڪري سگهجن. هن چيو ته ٻارن جي تعليم ۽ تربيت ۾ دلچسپ ۽ سرگرمين تي ٻڌل تدريسي طريقن کي هٿي ڏيڻ ضروري آهي ته جيئن اهي اعتماد، ذهانت ۽ مثبت سوچ سان اڳتي وڌي سگهن. وفاقي وزير ان عزم جو اظهار ڪيو ته ٻارن کي معياري تعليمي ماحول ۽ بهتر موقعا فراهم ڪري کين مستقبل جا باصلاحيت، تخليقي ۽ ذميوار شهري بڻائڻ لاءِ ڪوششون جاري رکيون وينديون.

بقايا *** 30

آهي. اهڙو اظهار هن پاڪستان منرلز انويسٽمينٽ فورم 2026ع ۾ شرڪت جي موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو. وفاقي وزير پاڪستان ۾ معدني وسيلن ۽ سيڙپڪاري جي موقعن بابت نمائش جو جائزو ورتو. هن مختلف ملڪن جي سفيرن، ٽريڊ ڪمشنرز، سيڙپڪارن، پرڏيهي وفدن، مشهور شخصيتن ۽ ڪاروباري برادري جي نمائندن سان ملاقاتون پڻ ڪيون. ملاقاتن دوران معدني شعبي ۾ سيڙپڪاري، واپاري تعاون ۽ گڏيل منصوبن جي امڪانن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. واپار واري وفاقي وزير پاڪستان جي معدني وسيلن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ نمائش ڪندڙن جي ڪوشش کي ساراهيندي چيو ته پاڪستان معدني وسيلن سان مالا مال ملڪ آهي ۽ هتي عالمي سيڙپڪاري جا وسيع موقعا موجود آهن. هن چيو ته معدني شعبي ۾ پرڏيهي سيڙپڪاري ۽ عالمي حصيداري کي هٿي ڏيڻ ضروري آهي. هن چيو ته معدني وسيلن جي ويليو ايڊيشن ۽ روانگي واپار ۾ اضافو حڪومت جي اهم ترجيحن ۾ شامل آهي. معدني شعبو پاڪستان جي روانگي واپار، صنعتي ترقي ۽ معاشي استحڪام ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. وفاقي وزير چيو ته حڪومت معدني شعبي کي عالمي مارڪيٽن سان ڳنڍڻ لاءِ پرعزم آهي. هن چيو ته حڪومت پرڏيهي سيڙپڪارن کي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ عالمي واپاري رابطن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ قدم کڻي رهي آهي جنهن جا ملڪي معيشت تي مثبت اثر پوندا.

بقايا *** 31

ي غذر ۾ نوح پل ويجهو مسافر وين ياسين درياهه ۾ ڪرڻ جي افسوسناڪ حادثي جي نتيجي ۾ قيمتي انساني جانين جي نقصان تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. جمعي ڏينهن پنهنجي تعزيتي بيان ۾ سينيٽ چيئرمين حادثي ۾ فوت ٿيلن جي وارثن سان دلي تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪندي چيو ته ان افسوسناڪ سانحي تي سڄي قوم سوگوار آهي. هن دعا ڪئي ته الله تعاليٰ فوت ٿي ويلن کي جوار رحمت ۾ اعليٰ مقام ڏي ۽ وارثن کي اهو صدمو برداشت ڪرڻ جو حوصلو ڏي. سيد يوسف رضا گيلاني حادثي ۾ زخمي ٿيلن جي جلد صحتيابي جي دعا ڪندي لاڳاپيل ادارن تي زور ڀريو ته زخمين کي بهترين طبي سهولتون فراهم ڪرڻ سان گڏوگڏ امدادي سرگرمين کي موثر ۽ تيز ڪيو وڃي.

بقايا *** 32

ن تي مشتمل وفد جي ملاقات. وفد ۾ چيف آپريٽنگ آفيسر ۽ ڊائريڪٽر ڊاڪٽر عابد جلال الدين شيخ، جي بي وي ڊيسڪ انچارج ۽ فوڪل پرسن عائشه ۽ ايمرجنسي آفيسر روشن علي ميهسر شامل. ملاقات ۾ عورتن جي ترقي واري کاتي ۽ سنڌ ايمرجنسي ريسڪيو سروس جي وچ ۾ هيلپ لائن انٽيگريشن تي ڳالهه ٻولهه. گهريلو ۽ صنفي تشدد جو شڪار عورتن جي وقت سر امداد بابت مختلف تجويزن تي غور ويچار، تشدد جو شڪار عورتن جي بروقت ۽ اثرائتي ريفرل طريقيڪار تحت امداد لاءِ ٻنهي ادارن جي گڏيل سهڪار کي مضبوط بڻائڻ تي زور، وفد طرفان صوبائي وزير کي سنڌ ايمرجنسي ريسڪيو 1122 جي مختلف آپريشنز بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي، صوبائي وزير شاهينه شير علي پاران سنڌ ايمرجنسي ريسڪيو 1122 جي مجموعي ڪارڪردگي تي اطمينان جو اظهار، وفد صوبائي وزير شاهينه شير علي کي سنڌ ايمرجنسي ريسڪيو سروس جي هيڊ ڪوارٽر جي دوري جي دعوت پڻ ڏني.

بقايا *** 33

جو نالو ايگزٽ ڪنٽرول لسٽ (اي سي ايل) مان خارج نه ڪرڻ خلاف داخل توهين عدالت جي درخواست تي ڊي جي اميگريشن و پاسپورٽ سميت ٻين ڌرين کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا. درخواستگذار عواب علوي جي وڪيل بئريسٽر علي طاهر موقف اختيار ڪيو ته سنڌ هاءِ ڪورٽ عواب علوي جو نالو اي سي ايل مان ڪڍڻ جو حڪم ڏنو هو، پر عدالتي حڪمن باوجود سندس نالو فهرست مان خارج نه ڪيو ويو. وڪيل عدالت کان استدعا ڪئي ته عدالتي حڪم تي عملدرآمد نه ڪندڙ ذميوارن خلاف توهين عدالت جي ڪارروائي ڪئي وڃي. عدالت ڌرين کي نوٽيس جاري ڪندي 26 نومبر تائين جواب طلب ڪري ورتو.

بقايا *** 34

ٻني شهيد ۽ 20 زخمي ٿي پيا. پرڏيهي ميڊيا موجب غزه جي سول ڊفينس اداري جي هڪ عهديدار ٻڌايو آهي ته خميس ڏينهن صبح جو جنگي جهاز مان ڪيرايل ميزائل سان اسپتال جي ان عمارت کي نشانو بڻايو ويو، جنهن ۾ سرجيڪل وارڊز ۽ انتهائي نگهداشت (آءِ سي يو) جا شعبا قائم هئا. سوشل ميڊيا تي شيئر ڪيل وڊيوز ۾ عمارت جي اندر دونهون ۽ ٻي منزل تي وڏي پيماني تي تباهي ڏسي سگهجي ٿي، جتي ڌماڪي سبب طبي اوزار ۽ بسترا وکري ويا. ناصر ميڊيڪل ڪامپليڪس جي ڊائريڪٽر چيو ته عمارت کي مٿان کان نشانو بڻايو ويو، جنهن سان مرد ۽ عورتن جي سرجيڪل ۽ آءِ سي يو شعبن کي شديد نقصان پهتو. ان کان اڳ سول ڊفينس جي ترجمان ميڊيا کي ٻڌايو ته حملي ۾ 5 فلسطيني شهيد ٿيا آهن. ناصر اسپتال ڏکڻ غزه جو سڀ کان وڏو طبي مرڪز آهي. آگسٽ 2025ع ۾ به اسرائيلي حملن ۾ ان اسپتال کي نشانو بڻايو ويو، جنهن ۾ 20 ماڻهو شهيد ٿيا هئا، جن ۾ صحافي ۽ طبي عملي جا ميمبر به شامل هئا. غزه جي صحت واري وزارت موجب غزه ۾ 7 آڪٽوبر 2023ع کان هن وقت تائين ان جنگ ۾ 74 هزار 645 کان وڌيڪ فلسطيني شهيد ٿي چڪا آهن.

بقايا *** 35

ڪئي ويندي. جڏهن ته 22 نومبر تي پير سيد شاهه مردان شاهه پير صاحب پاڳاري مرحوم جي سالگرهه سنڌ جي سمورن ضلعن ۽ يونين ڪائونسلن ۾ ڀرپور نموني ملهائي ويندي ۽ ان موقعي تي وڏيون ريليون پڻ ڪڍيون وينديون. پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ سردار عبدالرحيم چيو ته پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي صدر سيد صدرالدين شاهه راشدي جي خاص هدايتن تي پارٽي کي وڌيڪ منظم ۽ متحرڪ بڻائڻ لاءِ تنظيمي سرگرمين ۾ تيزي آندي پئي وڃي. سمورن ضلعي ۽ تعلقي آفيسن کي فعال بڻائڻ، نوجوانن کي اڳتي آڻڻ ۽ عوامي رابطي واري مهم کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ تي خاص ڌيان ڏنو پيو وڃي. هن چيو ته ايندڙ مڪاني چونڊن جي تيارين لاءِ ڪارڪنن کي متحرڪ ڪرڻ ۽ عوام سان رابطن کي مضبوط بڻائڻ ضروري آهي. پارٽي جي تنظيمي ڍانچي کي يونين ڪائونسل جي سطح تائين فعال بڻائڻ سان گڏ عوامي مسئلن جي حل لاءِ سياسي سرگرمي سان رابطن کي مضبوط بڻائڻ ضروري آهي. پارٽي جي تنظيمي ڍانچي کي يونين ڪائونسل جي سطح تائين فعال بڻائڻ سان گڏ عوامي مسئلن جي حل لاءِ سياسي سرگرمين ۾ پڻ اضافو ڪيو ويندو. سردار عبدالرحيم چيو ته پير سيد شاهه مردان شاهه، پير صاحب پاڳاري مرحوم جي سالگرهه جي موقعي تي سنڌ جي سمورن ضلعن ۽ يونين ڪائونسلن ۾ تقريبون ۽ ريليون منعقد ڪيون وينديون، جنهن لاءِ سمورن ضلعي ۽ مقامي تنظيمن کي تياريون مڪمل ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون ويون آهن. هن چيو ته پارٽي جي تنظيم سازي مقرر ڪيل تاريخ تائين مڪمل ڪري سالگرهه جون تقريبون ڀرپور نموني منعقد ڪرڻ کي يقيني بڻايو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 01

ميٽ ميڊيا کي احتجاج ڪندي ٻڌايو ته اسان ڪافي پيرا وس وارن کي درخواستون ڏنيون پر ڪو عمل نه ٿيو وڌيڪ هنن چيو ته اسان جي ڳوٺ جي اسڪول ۾ ٽي سئو کان مٿي ٻار داخل آهن تن کي لائين وسيلي پاڻي فراهم ڪيو ويندو هو سو به بند ٿيڻ جي ڪري ٻار سخت پريشاني ۾ مبتلا آهن اسڪول ۾ پاڻي نه ملڻ جي صورت ۾ ڪافي ٻارن اسڪول وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو چو ته اسڪول ۾ زندگي جي اهم ضرورت پاڻي آهي سو به اٽلپ آهي ڳوٺاڻن اعلي اختيارين کان پر زور اپيل ڪندي چيو ته اسين به خدارا انسان آهيون اسان تي رحم ڪريو اسان جو جائز مطالبو آهي آر او پلانٽ جي خراب مشينري جي مرمت ڪريو جيئن اسان کي مٺو پاڻي ملي سگهي سک جو ساهه کڻي سگهون

بقايا عوامي سوچ 02

ز (SOPS) جي حوالي سان هڪ خاص آگاهي ۽ تربيتي اجلاس منعقد ڪيو. انور پراچا سرڪاري اسپتال سکر ۾. ان موقعي تي اسپتال جي 40 کان وڌيڪ ڊاڪٽرن ۽ پيرا ميڊيڪل اسٽاف کي حفاظتي قدمن، فائر سيفٽي ايس او پيز، باهه وسائڻ وارن جي مناسب استعمال ۽ هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ بابت آگاهي ڏني وئي. جڏهن ته شرڪت ڪندڙن کي عملي مظاهرو پڻ ڪيو ويو. تربيتي اجلاس سول ڊفينس سکر جي انچارج ميان جهانگير عباسي جي نگراني ۾ ٿيو، جنهن ۾ ڊپٽي چيف وارڊن سول ڊفينس وارڊن سروس سکر ڊاڪٽر سعيد اعوان ۽ پوسٽ وارڊن محمد بابر شرڪت ڪندڙن کي تربيت ڏني. ان تربيتي سرگرمي تي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ (ايم ايس) ڊاڪٽر اسد سرور سومرو پڻ موجود هو. بنيادي مقصد اسپتال ۾ مريضن، ڊاڪٽرن، پيرا ميڊيڪل اسٽاف ۽ ٻين ملازمن جي جان ۽ مال جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ، باهه جي حفاظت بابت آگاهي وڌائڻ ۽ ڪنهن به هنگامي صورتحال ۾ جلدي ۽ مؤثر طريقي سان جواب ڏيڻ جي صلاحيت کي وڌائڻ هو.

بقايا عوامي سوچ 03

قرار ڏنو ويو آهي پر ڪلوئي تعلق جي ٻراج ايريا جي نون ديهن کي سرسبز علائقو ڄاڻائي ڏڪار سٽيل جي لسٽ ۾ نه رکيو ويو آهي. جڏهن ته رڻ شاخ ۾ ڪيتري عرصي کان ٽيل ۾ پاڻي نه پهچڻ سبب فصل تباهه ٿي چڪا آهن ديهه ڪلوئي، ديهه اٽ ڍهو ۽ ديهه ڪاڙڪ ۾ سالن کان پيئڻ جو پاڻي به دستياب ناهي انهن ديهن ۾ ترڪان وڌيڪ بدتر حالتون آهي جن ديهن جا ماڻهو ديوين جون ڪاٺيون وڏي گذارو ڪن ٿا. جتي ڪو به فصل نه ٿيو آهي ۽ پيئڻ جي پاڻي لاءِ ماڻهو مجبور ٿي چڪا آهن. انهن ديهن ۾ ڪافي چوپايو مال بک وگهي مري رهيو آهي ۽ ديهه ڪلوئي ديهه اٽ ڍهو ديهه ڪاڙڪ جي صورتحال انتهائي خراب ٿيڻ تي ماڻهو لڏ پلاڻ ڪري رهيا آهن. ديهه ڪلوئي، ديهه اٽ ڍهو، ديهه ڪاڙڪ جي ديهن کي ڏڪار سٽيل علائقي ۾ شامل ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 04

چانگ آئون هن پريس ڪانفرنس ذريعي جناب سيشن جج بدين، ڊپٽي ڪمشنر بدين، ايم اين اي، ايم پي اي، محتسب اعليٰ بدين، ڊي او ايجوڪيشن بدين ايجوڪيشن ورڪس انجنيئر بدين کي گزارش ٿو ڪريان ته اسان جي ڳوٺ عيدو چانگ ۾ GPS عيدو چانگ جيڪو لڳ ڀڳ 20 سال اڳ تعمير ٿيو هو. جنهن بعد پرائمري اسڪول جي نه ڪا مرمت ٿي آهي ۽ نه ئي ڪو فرنيچر مليو آهي. اسڪول ۾ ڳوٺ عيدو چانگ، ڳوٺ ميرو ڪوسو، ڳوٺ حاجي علي گنيپر، حاجي صديق خاصخيلي کان ٻار پڙهڻ لاءِ اچن ٿا. اسڪول ۾ هڪ سئو کان وڌيڪ شاگرد آهن ۽ پڙهائڻ وارو استاد پڻ هڪڙو آهي. اسڪول جي ڇت جا ڇاپڙ ڪرڻ سبب ٻارڙا پڻ زخمي ٿيا آهن. جنهن جون ڳوٺاڻن پاران سوشل ميڊيا تي خبرون پڻ هلايون ويون هيون، پر انتظاميا ڪنهن قسم جو نوٽيس نه ورتو. اسان هن پريس ڪانفرنس ذريعي بالا حڪام کي اپيل ٿا ڪريون ته ڳوٺ عيدو چانگ جي پرائمري اسڪول جي بلڊنگ جي مرمت ڪري ڏني وڃي، ٻارڙن جي انرولمينٽ تحت فرنيچر ڏنو وڃي، ٻارن لاءِ اسڪول ۾ واش روم ۽ پاڻي جي سهولت ڏني وڃي ته جيئن ڳوٺ عيدو چانگ ۽ آس پاس جي ڳوٺن جا ٻار سٺي ماحول ۾ تعليم حاصل ڪري سگهن

بقايا عوامي سوچ 05

دورو ڪري پي پي ايڇ آءِ جي نگراني ۾ هلندڙ BHU پلس سينٽر چتوچنڊ جو دورو ڪري اتي مقرر ٿيل سينئر ميڊيڪل آفيسر ۽ انچارج BHU پلس سينٽر چتوچنڊ ڊاڪٽر عبدالحسين شاهه ۽ حڪومت سنڌ جي ممتا پروگرام جي عملدارن کان بريفنگ حاصل ڪري کين هدايت ڪئي ته ايندڙ مريضن کي بهتر صحت جون سهولتون مهيا ڪري سنڌ حڪومت جي ممتا پروگرام تحت عورتن کي سهولتون ۽ وظيفا مهيا ڪن. هنن چيو ته هتي بهتر ڪم ٿي رهيو آهي، جنهن ڪم مان اسان مطمئن آهيون. ان موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي سينيئر ميڊيڪل آفيسر، BHU پلس سينٽر چتوچنڊ جي انچارج ڊاڪٽر عبدالحسين شاهه چيو ته ورلڊ بئنڪ ۽ پي پي ايڇ آءِ سنڌ جي ممتا پروگرام جي عملدار چتوچنڊ سينٽر جو دورو ڪري جائزو ورتو اهي، جيڪي اسان جي ڪم مان مطمئن آهن. ڊاڪٽر عبدالحسين شاهه چيو ته 2014 ۾ BHU سينٽر صرف 6 ڪلاڪ هلندو هو، جنهن کي 2017 ۾ ڪوششون وٺي اپ گريڊ ڪرائي 24 ڪلاڪ سروس ڪرائي وئي آهي، جنهن ۾ ويم گهرجي سهوليت سان گڏ ممتا پروگرام تحت پيٽ وارين عورتن سان گڏ نون ڄاول ٻارڙن جو ريگيولر چيڪ اپ ڪرڻ سميت ٻارڙن کي وقت تي ٽڪا لڳرائڻ جي صورت ۾ حڪومت طرفان هر وزٽ تي کين ان جو معاوضو ڏيڻ سميت PPHI پروگرام تحت 12 مختلف بيمارين جا مفت ٽڪا لڳائڻ سان گڏ جم روڪ لاءِ فيملي پلاننگ جون دوائون ۽ ڪيفسول مفت ۾ رکيا وڃن ٿا. ايماندار ڊاڪٽر عبدالحسين شاهه چيو ته ڪمزور ٻارڙن جي اسڪيننگ ڪري انهن کي خوراڪ پڻ ڏني وڃي ٿي، هن چيو ته هي سينٽر جيڪو PPHI سنڌ جي نظام ۽ ڪنٽرول تحت هلي ٿو ان ۾ مڪمل دوائون پڻ مهيا ڪيون وڃن ٿيون، جيڪو يوسي چتوچنڊ، يوسي چليا، يوسي فقير جو ڳوٺ سميت آسپاس جي رهواسين کي صحت جون بهتر سهولتون مهيا ڪري رهيو آهي، هن چيو ته هر مهيني 150 کان 200 تائين عورتن جي مفت ڊليوري سان گڏ 150 روزانو او پي ڊي ۾ مريض رجسٽرڊ ٿين ٿا. جن جو مفت علاج ڪري کين مفت دوائون ڏنيون وڃن. ڳوٺاڻن کي گهرجي ته هن سينٽر مان صحت جون مفت بهتر سهولتون حاصل ڪن.

بقايا عوامي سوچ 06

ٽرن، ڊاڪٽرياڻين ۽ فيملي پلاننگ جي ٽيم طرفان عورتن ۽ ٻارڙن جو طبي معائنو ڪري کين مفت دوائون پڻ ڏنيون ويون، جنهن هڪ روز قومي صحت خانداني منصوبابندي ميلي توڙي مفت ميڊيڪل ڪئمپ ۾ پاپوليشن ڪاتي ٺٽي جي ڊسٽرڪٽ آفيسر قاضي نديم سرور، ماهر ڊاڪٽرياڻين DDPWO ڊاڪٽر سنير انجم، ڊاڪٽر ماروي شاهه، علي رضا مهيسر، ياسر پليجو ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڳالهائيندي پاپوليشن ڪاتي ٺٽي جي ڊسٽرڪٽ آفيسر قاضي نديم سرور، علي رضا مهيسر ۽ اسسٽنٽ ڊسٽرڪٽ آفيسر ٺٽو ياسر پليجو چيو ته آبادي جي لحاظ کان پاڪستان پنجين نمبر تي اچي ويو آهي، ملڪ ۾ تيزي سان وڌندڙ آبادي تي ڪنٽرول ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي، جنهن لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 3 کان 5 سالن لاءِ وقفو ضروري آهي، جنهن سان ٻار ۽ ماءُ جي صحت بهتر رهڻ سميت ٻار جي ضرورتن کي ڀرپور ڪري سگهجي ٿو. ان لاءِ اسان سڀني کي گهرجي ته آبادي تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ عوام ۾ شعور بيدار ڪرڻ لاءِ جاڳرتا مهم هلايون، جيئن آبادي تي ڪنٽرول ڪري سگهون. هنن چيو ته پاڪستان اڃان تائين ماءُ ۽ ٻار جي صحت، ٻارن جي ڀلائي ۽ نوجوانن کي بااختيار بنائڻ ۾ سنگين چئلينجن کي منهن ڏيئي رهيو آهي. هنن چيو ته ٻارڙن جي پيدائش ۾ وقفو ڪرڻ سان اسان نه صرف آبادي تي ڪنٽرول ڪري سگهنداسين، پر ان سان گڏوگڏ اسان هڪ ترقي يافته، صحتمند ۽ خوشحال معاشري جو سنگ بنياد وجهي سگهون ٿا. هنن چيو ته آبادي تي ڪنٽرول ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت بڻجي وئي آهي. ان ڪري جيترو ڪٽنب گهٽ هوندو، اوترو ئي هن مهنگائي واري دور ۾ ماڻهون خوشحال زندگي گذاري سگهندو. پاپوليشن ڪاتي جو به اهوئي پيغام آهي ته گهٽ ٻار هجڻ سان ڪٽنب خوشحال زندگي گذاري سگهي ٿو. ان ڪري اختيار ڪيل تدبيرن تي عمل ڪري پنهنجي بهتر زندگي گذارڻ لاءِ آبادي تي ڪنٽرول ڪن. جيئن هو خوشحال زندگي گذاري سگهن. هنن چيو ته پاپوليشن ڪاتي ٺٽي طرفان ٺٽي ضلعي جي ساحلي پٽي جي ڳوٺ حاجي عمر اوٺو ۾ ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي عورتن ۽ ٻارڙن کي صحت جون بهتر سهولتون سندن گهرن جي در تائين مهيا ڪيون ويون آهن. جيئن هو ان مان فائدو حاصل ڪري سگهن. هنن چيو ته هن ڪئمپ ۾ صحت ڪاتي، پي پي ايڇ آءِ، هينڊس، واٽيئل سن شاهين ڪميونٽي، ڊي ايڇ او هيلٿ آفيس ٺٽي جو پڻ مڪمل تعاون رهيو

بقايا عوامي سوچ 07

ي تقريب پروفيسر لياقت عزيز سولنگي هال ڀهراڻي پاڙي لڳ اجرڪ ڪالوني، ٽنڊي محمد خان ۾ ملهائي وئي. ڀيٽا واري هن شاندار تقريب کي ناميارِي دانشور ۽ قومپرست اڳواڻ ڪامريڊ حسين بخش ٿيٻو، پروفيسر يعقوب چانڊيو، ڊاڪٽر قادر بخش مگسي، فهيم نوناري، مدد علي جهتيال، اعجاز علي جسڪاڻي، اعظم پٽي، ڊاڪٽر جمال ناصر سولنگي، سائين قادر بخش طالباڻي جي فرزند عبدالخالق طالباڻي، اڪرم ميمڻ، ارمان خاصخيلي، محمد اشرف ميمڻ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سائين قادر بخش طالباڻي سموري سنڌ جي استادن جو روح روان ۽ جاکوڙي ڪردار هو. جنهن حياتيءَ جي آخري لمحن تائين سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ماڻهن جي شاندار مستقبل جي فڪر ۽ لاچار ڪان ڪڏهن به لاتعلقي بجاءِ عملي ڪردار ۾ يقين رکي جاکوڙي ڪردار ادا ڪيو. هنن چيو ته قادر بخش طالباڻي جبلن کي للڪاريندو هو، هو درياءُ ۽ سمنڊ سان ڳالهائيندو هو، هو سنڌ جي مظلوم طبقي جو ساٿي، مددگار ۽ جاکوڙي ڪردار هو. سنڌ جي وحدت تي وار واري هن وقت جي خطرناڪ حالتن ۽ نفسانفسي جي وقت ۾ اهڙن جاکوڙي ڪردارن جي سنڌ کي سخت گهرج آهي، جيڪي مظلوم ماڻهن سان گڏ عملي طور علي الاعلان بيهن. قادر بخش طالباڻي لاءِ اول ۽ آخر سنڌ هئي. طالباڻي جهڙا ڪردار انقلاب، تعليم، شعور لاءِ استعارو بڻيل هئا. انڪار ڪندڙ ماڻهوئي منزلون طئه ڪندا آهن. انڪار ۽ للڪار اسانجي سماج جو وڏو نعرو، عمل ۽ جستجو آهي، جنهن تحت طالباڻي پنهنجي سموري شعوري عمر جستجو ۾ گذاري. قادر بخش طالباڻي هميشه چوندو هو ته اجتماعي لاپ لاءِ سڀ کان پهرين اسانکي پنهنجو احتساب ڪرڻو پوندو. قادر بخش طالباڻي وڏو ڪاهوڙي ڪردار هو، جيڪو علم، ادب، تحرڪ جو مثال هو. هنن چيو ته اسان وٽ تنظيمن جي تنظيم ڪاري هاڻ آفيسر ڪن ٿا، انهن جي مرضي سان تنظيمون ٺهن ٿيون، هلن ٿيون، ڊهن ٿيون. پروفيسر عمر ميمڻ جهڙا ذهين ماڻهو به قادر بخش طالباڻي جي راءِ کي اهميت ڏيندا هئا. ڪالاباغ خلاف لکيل سمورا مضمون ان وقت ڪامريڊ غلام رسول سهتي وٽ سنڌ اخبار جي آفيس ۾ ڪمپوز ٿيندا هئا ۽ انهن جا پروف طالباڻي صاحب ڏسندو هو. هو جنهن به جاءِ تي، جنهن به حيثيت ۾ رهيو، سنڌ جو خادم بنجي خدمت ڪندو رهيو. قادر بخش طالباڻي تي ڳالهائڻ ۽ لکڻ لاءِ ڪتاب گهرجن. مارشل لائن جي جبر ۾ سندس مستقل مزاجيءَ واري جدوجهد سندس ادا ڪيل عملي ڪردار جي ساکي آهي. طالباڻي جو استاد ڪامريڊ عزيز سلام بخاري هو، جيڪو هميشه چوندو هو ته انقلاب هاري آڻيندو، سنڌ ۾ انقلاب آڻڻ لاءِ ضروري آهي ته انقلاب لاءِ جدوجهد ڪندڙ سنڌي ڳالهائي، پڙهي، لکي ۽ سمجهي! سنڌ چارلس نيپيئر کان وٺي اڄ ڏينهن تائين غلام بنيل آهي. هن وڌيڪ چيو ته نيپيئر کي ڪنهن صلاح ڏني ته سنڌ جو ماڻهو وڏيري جي قبضي ۾ آهي، تنهنڪري وڏيري کي قابو ۾ آڻيو ته سنڌ مڪمل قبضي ۾ اچي ويندي. اهو تاريخي سچ آهي ته سنڌ جو بزدل وڏيرو انگريز سامراج آڏو سجدي ۾ پيو هو، ۽ جاگيرن لاءِ معافيون لکڻ ۾ پورو هو نتيجو اهو نڪتو ته سنڌ انگريزن جي غلامي مان نڪري پنجابي آپيشاهي جي غلام بنجي وئي، جيڪو سلسلو اڃا تائين جاري آهي. ان لاءِ ضرورت آهي ته قادر بخش طالباڻي جهڙن جاکوڙي ڪردارن جي عملي جدوجهد، سندن زندگيءَ جي نموني، عملي ڪارگذارين بابت نئين نسل کي آگاهه ڪري، اجتماعي جدوجهد، ايڪي، اتحاد ۽ ٻڌي جي فضا قائم ڪري، سنڌ ڌرتيءَ جو قرض ۽ فرض ادا ڪيو وڃي. سنڌ جون خطرناڪ مجموعي خطرناڪ حالتون اسان اها ئي تقاضا ڪن ٿيون. ان موقعي تي راڳي جان محمد لغاري بهترين ڪلام جهونگاري، ڌرتيءَ سان محبت جا گل نڇاور ڪيا

بقايا عوامي سوچ 08

يٽي بندر توڙي آسپاس جي رهواسي مقامي ماهيگيرن يونس جت، جعفر جت، سليم دبلو، احمد جت، ابراهيم جت ۽ ٻين دانهيندي الزام هڻندي چيو آهي ته هو ابن ڏاڏن کان عربي سمنڊ مان مڇي جو شڪار ڪري ٻچن جو پيٽ پالين ٿا. پر هاڻي ڪجهه وقت کان وٺي هڪ طرف ساموندي ڌاڙين ته ٻئي طرف ڌارين پناڻ لانچن وارن ڪيٽي بندر ويجهو سمنڊ ۾ حجامڙو ڪريڪ وٽ مقامي ماهيگيرن جو بلاجواز جيئڻ جنجال بنائي انهن جي هوڙن ۽ لانچن کي نقصان پهچائي مٿن حملا ڪري خونريزي ڪرائي کين روزگار به ڪرڻ نٿا ڏين. جنهن ڪري هو سخت پريشان آهن. هنن چيو ته ساڻن ٿيندڙ ناانصافي جي دانهن مقامي انتظاميه کي ڏني وئي آهي، پر اڃان تائين انتظاميه ڌارين بااثر ماڻهن جي خلاف ڪا به ڪاروائي ڪري ناهي سگهي. هنن چيو ته هڪ طرف سمنڊ ۾ حدبنديون نه هجڻ ڪري هندستاني فورسز پاڪستاني ماهيگيرن کي پاڪستاني حدن مان زبردستي کڻي وڃي سالن جا سال قيد ڪري ڇڏي ٿي، جن جا خاندان سڄي عمر بک ۽ بدحالي جو شڪار بڻجي وڃن ٿا، جن جي ڪير به پوئيواري ڪرڻ وارو ناهي، ويتر هاڻي بااثر ڌارين ماڻهن به مقامي ماهيگيرن جو جيئڻ جنجال بنائي کين نقصان پهچائڻ چاهين ٿا. هنن سنڌ حڪومت جي اعلي اختيارين کان گهر ڪئي ته فورن نوٽيس وٺي کين بااثر ماڻهن جي زيادتين مان نجات ڏياري انهن خلاف سخت قانوني ڪاروائي ڪري کين امڪاني نقصان کان بچائي کين روزگار ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪيو وڃي، ٻئي صورت ۾ راءِ عمل جوڙي ساڻن ٿيندڙ ناانصافين خلاف سوين مقامي ماهيگير پنهنجي هوڙن ذريعي حجامڙو ڪريڪ وٽ ڪيٽي بندر ڏانهن ايندڙ سمنڊ جي لنگهه تي احتجاجي مظاهرو ڪري ساڻن ٿيندڙ ناانصافي جي ازالي جي گهر ڪندا. هنن اعلي اختيارين کان نوٽيس وٺي ساڻن انصاف ڪرائڻ ۽ کين پهچندڙ مڪاني نقصان کان بچائڻ جي گهر ڪئي اهي، جيئن هو بهتر روزگار ڪمائي وڌيڪ پريشاني کان بچي سگهن.

بقايا عوامي سوچ 09

ڪاوڙجي گهران نڪري پراسرار نموني گم ٿي وئي آهي، جنهن جي گهٽي ڳولا بعد گمشدگي جي رپورٽ پڻ جهمپير ٿاڻي تي درج ڪرائي اهي، پر سندس ناراض ٿي گهر ڇڏي ويل زال جو ڪو به ڏس پتو پئجي ناهي سگهيو، جنهن ڪري هو پنهنجي زال جي گم ٿيڻ بعد سخت پريشان آهي. جهمپير واسي غلام مصطفيٰ خاصخيلي وس وارن کي پراسرار نموني گم ٿي ويل زال بينظير جي ڳولا ۾ مدد جي اپيل ڪئي آهي.

بقايا عوامي سوچ 10

دڙن کي جاڻ ڏني وئي. دادو ۾ تعليم فاؤنڊيشن ۽ گڏيل قومن جي ترقياتي پروگرام (يو اين ڊي پي) جي تعاون سان "محفوظ اسڪول، مضبوط قوم" جي عنوان هيٺ سيد حاڪم علي شاهه بخاري آڊيٽوريم هال ۾ آگاهي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ سرڪاري عملدارن، تعليمي ماهرن، سماجي شخصيتن ۽ ٻين شرڪت ڪئي تقريب ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر دادو عمران علي سيال، ضلعي صحت ڪاتي جي آفيسر ڊاڪٽر عبدالحميد ڪونهارو، شبروز ميراڻي، صحافي ڪامران ڪورائي، ميڊم روزينه پيرزادو، امتياز عباسي، ميڊم ماروي ميمڻ، روشن علي ممڻ ۽ ٻين شرڪت ڪئي تقريب دوران ريسڪيو 1122 جي فوڪل پرسن وقار خاصخيلي پنهنجي ٽيم سان گڏ شرڪت ڪندڙن کي قدرتي آفتن، زلزلي، ٻوڏ ۽ ٻين هنگامي حالتن دوران پاڻ کي محفوظ رکڻ، بروقت احتياطي اپاءَ وٺڻ ۽ امدادي ڪاروائين بابت تفصيلي آگاهي ڏني. ان موقعي تي ٻڌايو ويو ته قدرتي آفتن دوران احتياطي تدبيرن تي عمل ڪرڻ سان انساني جانين ۽ ملڪيتن کي ٿيندڙ نقصان کان بچائي سگهجي ٿو تقريب ۾ "پاڻ به محفوظ رهو ۽ پنهنجي اسڪول کي به محفوظ بڻايو" جي عنوان هيٺ معلوماتي ٿيٽر پڻ پيش ڪيو ويو، جنهن ذريعي شاگردن، استادن ۽ شهرين کي قدرتي آفتن ۽ هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ، محفوظ هنڌن ڏانهن منتقل ٿيڻ ۽ پاڻ سان گڏ ٻين جي جان بچائڻ بابت اهم پيغام ڏنو ويو مقررين ۽ سماجي اڳواڻ شبروز ميراڻي جو چوڻ هو ته اسڪولن کي محفوظ بڻائڻ، شاگردن ۽ استادن ۾ هنگامي حالتن بابت شعور پيدا ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي، چو ته قدرتي آفتن دوران بروقت فيصلا ۽ احتياطي تدبيرون اختيار ڪرڻ سان وڏن نقصانن کان بچي سگهجي ٿو تقريب جو مقصد تعليمي ادارن کي محفوظ بڻائڻ سان گڏوگڏ شاگردن، استادن، والدين ۽ عام شهرين ۾ قدرتي آفتن کان بچاءَ بابت شعور ۽ ذميواري بابت آگاهي ڏيڻ آهي

بقايا عوامي سوچ 11

، تلهار ۽ ٽنڊو محمد خان کان ٺٽو ۽ ڪراچي، جڏهن ته جهمپير کان ڪراچي ايندڙ ويندڙ مسافر وينن جا ڊرائيور مبينا طور وڌيڪ پاڙو ڪمائڻ جي لالچ ۾ مسافرن کي وينن جي ڇتين ۽ ٻاهرين ڏاڪڻين تي ويهاري سفر ڪرائي رهيا آهن، جنهن سبب مسافرن جون قيمتي جانيون خطري ۾ پئجي ويون آهن، علائقي ۾ سفر جي اهڙي خطرناڪ طريقي سبب ڪيترائي حادثا پڻ پيش اچي چڪا آهن. پر ان باوجود لاڳاپيل ٽرانسپورٽ ڪاتي ۽ ضلعي انتظاميا طرفان ڪو اثرائتو قدم نظر نٿو اچي. ضلعو ٺٽو، سجاول ۽ ٽنڊو محمد خان جي عوام مطالبو ڪيو آهي ته مسافر وينن جي ڇتين ۽ ٻاهرين ڏاڪڻين تي مسافرن کي ويهارڻ خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي، جڏهن ته سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته عوام کي محفوظ، سستي ۽ بهتر سفري سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ پيپلز بس سروس شروع ڪئي وڃي، جيئن روزانو سفر ڪندڙ شهرين جون پريشانيون گهٽجي سگهن عوامي حلقن جو چوڻ آهي ته انساني زندگيون پاڙي جي لالچ کان وڌيڪ قيمتي آهن، تنهنڪري انتظاميا فوري نوٽيس وٺي ۽ مسافرن جي جانين جو تحفظ يقيني بڻائي.

بقايا عوامي سوچ 12

حمر پاڪستان ضلعي ٺٽي انسانيت جي خدمت جو هڪ ٻيو مثال قائم ڪندي ٺٽي شهر کان لڳ ڀڳ 200 ڪلوميٽر پري يونين ڪائونسل جهونگوي جي ڳوٺ ولي محمد شورو پهچي ٻن انتهائي بيمار ۽ اسپيشل ماڻهن ۾ ويل چيئرون ورهايون. جڏهن ته ان موقعي تي سماجي ۽ سياسي اڳواڻ وڏيرو سردار رسول بخش جاکهرو هڪ معذور مستحق شخص کي سڄي حياتي ماهوار 10 هزار رپين جو راشن فراهم ڪرڻ جو اعلان پڻ ڪيو. تفصيل موجب هلال احمر پاڪستان ٺٽي جي چيئرمين حاجي محمد حنيف ميمڻ، سماجي ۽ سياسي اڳواڻ وڏيري سردار رسول بخش جاکهرو جي نشاندهي تي مستحق ماڻهن جي تڪليفن کي محسوس ڪندي پاڻ ڏکيو سفر ڪري سندن ڳوٺ پهتا ۽ کين ويل چيئرون فراهم ڪيون. جيئن معذوري ۽ بيماري سبب ٺٽي شهر تائين سفر نه ڪري سگهندڙ ماڻهن کي سندن گهرن جي درن تي سهولت ملي سگهي. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي حاجي محمد حنيف ميمڻ چيو ته هلال احمر پاڪستان ٺٽو هن وقت تائين 500 کان وڌيڪ اسپيشل ماڻهن ۾ ويل چيئرون ورهائي چڪو آهي، جڏهن ته قدرتي آفتن دوران متاثر خاندانن کي راشن، دوائون ۽ زندگيءَ جون ٻيون ضروري شيون پڻ فراهم ڪيون وڃن ٿيون. هن چيو ته ڏکويل انسانيت جي خدمت هلال احمر پاڪستان جو مشن آهي ۽ اهو سلسلو اڳتي به جاري رهندو. وڏيري سردار رسول بخش جاکهرو چيو ته جڏهن به علائقي ۾ ڪا قدرتي آفت يا ڏکي صورتحال پيدا ٿئي ٿي ته حاجي محمد حنيف ميمڻ فوري طور متاثرن جي مدد لاءِ پهچي وڃن ٿا. هن چيو ته ٻئي مستحق ماڻهو سخت بيماري ۽ معذوري سبب ويل چيئرون وٺڻ لاءِ ٺٽي شهر اچي نٿي سگهيا، جنهن ڪري سندن سهولت لاءِ پاڻ 200 ڪلوميٽر سفر ڪري وٽن پهتا آهيون. چيئرمين يونين ڪائونسل جهونگوي سائين داد شورو ۽ سيڪريٽري عبدالحيم پنهور هلال احمر پاڪستان جي ان قدم کي ساراهيندي چيو ته اداري ڏورانهين علائقي ۾ پهچي مستحق ماڻهن جي مدد ڪري هڪ ساراهه جوڳو مثال قائم ڪيو آهي. تقريب ۾ نعمان انور ۽ شاهد سمون سميت ٻيا ماڻهو پڻ موجود هئا.

بقايا عوامي سوچ 13

ويا آهن، جڏهن ته گندو پاڻي گهرن ۾ داخل ٿيڻ سبب رهواسي سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن. ان موقعي تي رهواسين شبير سولنگي، بخشل جمالي، سڪندر لغاري، رفيق لغاري، اسد سولنگي، پريل ملاح ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو ته محلي ۾ صفائي نه ٿيڻ ۽ نيڪال جو مناسب بندوبست نه هجڻ سبب زندگي عذاب بڻجي وئي آهي. گندو پاڻي گهرن ۾ داخل ٿي رهيو آهي، جنهن سبب معصوم ٻارن ۽ رهواسين جي صحت کي خطرا پيدا ٿي رهيا آهن. هنن ميونسپل انتظاميا دادو کان مطالبو ڪيو ته فوري طور تي محلي مان گندگي ختم ڪرائي، گندي پاڻي جي نيڪال جو بندوبست ڪري بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن. ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا عوامي سوچ 14

۽ دورو ڪيو. جتي تنظيم سازي ۽ 21 نومبر تي ميهڙ ۾ رٿيل محبت سنڌ ريلي ۾ ڀرپور شرڪت لاءِ رٿابندي ڪئي وئي، ان موقعي تي قومي عوامي تحريڪ جو تنظيمي اجلاس مرڪزي هاري تحريڪ جي اڳواڻ گل حسن برهماڻي جي صدارت هيٺ ٿيو جنهن ۾ اڳواڻن سنڌ جي موجوده سنگين سياسي ۽ سماجي صورتحال تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو ته سنڌ هن وقت انتهائي ڏکئي دور مان گذري رهي آهي، سنڌ کي سياسي، معاشي ۽ انتظامي طور مختلف خطرن ۽ سازشن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي جڏهن ته نئين صوبي ٺاهڻ جون ڳالهيون سنڌ جي وحدت ۽ قومي وجود خلاف هڪ خطرناڪ سازش آهن. هنن وڌيڪ چيو ته اهڙي نازڪ صورتحال ۾ سنڌ جي سمورن سياسي، سماجي ۽ قومپرست ڌرين کي پنهنجا ننڍا وڏا مفاد ۽ سياسي اختلاف پاسي تي رکي سنڌ جي بقا، وحدت ۽ خودمختياري لاءِ گڏيل جدوجهد ڪرڻي پوندي. قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي پڻ سنڌ جي سمورن باشعور ماڻهن کي گڏيل جدوجهد جي دعوت ڏني آهي، جنهن تي عمل ڪندي سنڌ ڌرتيءَ جي دفاع لاءِ متحد ٿيڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. اجلاس ۾ 21 نومبر تي ميهڙ ۾ اياز لطيف پليجي جي اڳواڻيءَ ۾ نڪرندڙ محبت سنڌ ريلي ۾ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ حڪمت عملي جوڙي وئي. جڏهن ته ڪاڇي جي مختلف ڳوٺن ۾ تنظيمي دورا ڪري پارٽي کي وڌيڪ فعال ۽ مضبوط بڻائڻ بابت پڻ ويچار ونديا ويا. اجلاس ۾ ڪاڇي جي اڳواڻ عبدالقيوم لاشاري، سينيئر ساٿي ڪامريڊ حسين بخش رستماڻي، حسن برهماڻي، گلزار لاشاري، امجد برهماڻي، سڄاڳ ٻار تحريڪ ڪاڇو جي اڳواڻ ڪامريڊ شهزاد برهماڻي سميت وڏي انگ ۾ ڪارڪنن شرڪت ڪئي

بقايا عوامي سوچ 15

ناٽي جي وڏي ڀاءُ علي محمد ڪرناٽي جي هٿان ٿي گذريو تقريب ۾ جئي سنڌ تحريڪ ڪرناٽي جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري راول ڪرناٽي فقير عبدالرزاق انڙ پروپرائٽر مهتاب ڪرناٽي ايوان صحافت پريس ڪلب ٺٽو جو صدر علي اڪبر دلواڻي چاچا واحد شورو لالا شعيب پنهاڻ جنيد احمد پيرزادو محمد موسيٰ سبزپوش ٺٽو پريس ڪلب مڪلي جو صدر شيراز وارياهو مهرعلي حمائتي ڊي بي ناهيو باغي فرهاد ميمڻ ۽ ٻين سياسي سماجي شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب کي راول ڪرناٽي خطاب ڪندي چيو ته ڪرناٽي ڪمپيوٽر ڪانٽو ڪولڻ جو واحد مقصد ڊرائيورن کي جديد سهولت ۽ مناسب قيمت ۾ ڪانٽو ڪري ڏيون

بقايا عوامي سوچ 16

. ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي نالي سان منسوب تعلقي اسپتال ۾ پي پي ايڇ آءِ جي سهڪار سان لڳايل هن هڪ ڏينهن واري مفت اکين جي ڪئمپ جو افتتاح ٽائون چيئرمين عبدالحميد جيسر، پيپلز پارٽي اڳواڻ عبدالقدير جيسر، ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ (ايم ايس) ڊاڪٽر پريل شاهه، ايڊمنسٽريٽر گدا حسين چاچڙ، ڊاڪٽر نعيم احمد شيخ، ڊاڪٽر الهه ڏنو ٿيٻو، بشير احمد سرگاڻي ۽ ٻين گڏجي ڪيو، جنهن بعد اکين جي مريضن جا مفت آپريشن ڪرڻ شروع ڪيا ويا. ان موقعي تي ٽائون چيئرمين عبدالحميد جيسر، ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ڊاڪٽر سيد پريل شاهه ۽ ايڊمنسٽريٽر گدا حسين چاچڙ جو چوڻ هو ته پي پي ايڇ آءِ طرفان اکين جي مريضن جي لاءِ هڪ ڏينهن جي مفت ڪئمپ قائم ڪرڻ جو مقصد مستحق مريضن جا مفت آپريشن ڪرڻ آهي. هن وڌيڪ چيو ته ڏوڪري تعلقي اسپتال ۾ اکين جي مريضن جي لاءِ مستقبل ۾ روزاني جي بنياد تي آپريشن ڪرڻ جي سلسلي کي جاري رکڻ لاءِ ڪوششون وٺي رهيا آهيون. ته جيئن اکين جي مريضن کي مفت ۾ لينس لڳائي سگهجن.

بقايا عوامي سوچ 17

ٻين بنيادي مسئلن جي حل لاءِ مرڪزي جماعت اهل سنت جي آفيس تي اهم اجلاس زير صدارت جماعت اهل سنت جي اڳواڻ سيد نور محمد شاهه جي ٿي گذريو اجلاس ۾ مختلف سياسي سماجي مذهبي واپاري دڪاندارن ڀرپور شرڪت ڪئي اجلاس ۾ شهرين وڌندڙ بدامني بجلي جي غير اعلانيه لوڊ شيڊنگ گئس بند ۽ پيئڻ جو پاڻي بند جون شڪايتون ڪيون ۽ چيو ته ڪاڇو ۽ جوهي شهر هڪ سڄاڻ ۽ مزاحمتي ماڻهن جو شهر آهي هنن چيو ته پ پ جي سالن کان وٺي اقتدار دوران شهر اندر اٽي ۾ لوڻ برابر ترقياتي ڪم ٿيا آهن جوهي شهر جا اٺئي وارڊ هرپاسي کان بجلي گئس پاڻي ۽ ٻين مسئلن جي ڏٻڻ ۾ ڦاسي پيو آهي ۽ چونڊيل نمائندن جي بي ڌياني عوام ۽ انهن جي مسئلن کان پري رهڻ ڪري جوهي تعلقو مسلستان بڻجي ويو آهي هنن چيو ته مسئلا حل ٿيڻ بجاءِ هر ڏينهن عوام پريشاني مايوسي ۾ گهيرجي رهيو آهي ڪوبه تدارڪ ڪرڻ وارو ناهي هنن چيو ته جماعت اهل سنت طرفان جوهي سان لاڳاپيل سمورن مسئلن جي حل لاءِ ايندڙ سومر ڏهاڙي چونڊيل نمائندن ۽ مختلف کاتن جي ڪرپٽ عملدارن خلاف ڀرپور احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي ويندي جوهي جي مختلف سياسي سماجي مذهبي ادبي واپاري دڪاندارن سول سوسائٽي ۽ مختلف مڪتب فڪر جي سڄاڻ ڌرين کي اپيل ٿا ڪريون ته اسان جي ڏنل احتجاجي سڏ تي عوامي پارڪ تي گڏ ٿي احتجاج ۾ ڀرپور موٽ ڏيندا ان موقعي تي جماعت اهل سنت جي اڳواڻن مولانا غلام مصطفي لاشاري، حافظ غلام مصطفي روڏناڻي، انور جمالي، محمد رحيم لاشاري ۽ ٻين احتجاج کي وسيع ڪرڻ لاءِ رابطه ڪاميٽي جو ميمبر مقرر ڪيو ويو.

بقايا عوامي سوچ 18

ان محروم عوام جو چونڊيل نمائندن کان چٽو سوال: آخر اسان جو ڏوهه ڇا آهي نه پيئڻ لاءِ صاف پاڻي، نه بجلي، نه صفائيءَ جو ڪو نالو نشان ۽ نه ئي هلڻ جهڙيون گهٽيون—ڪراچي جي ضلعي ملير جو علائقو يوسي مراد ميمڻ جو ٻچل باغ، سائين اسماعيل شاهه درگاهه ڳوٺ حڪومتي بي حسي ۽ انتظامي نااهليءَ جو چٽو ثبوت بڻجي چڪو آهي. جديد دور ۾ به هتان جا رهواسي پٿر جي دور جهڙي زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. علائقي جي گهٽين ۾ جاءِ بجاءِ لڳل ڪچري ۽ گندگيءَ جا ڍير بيمارين کي دعوت ڏئي رهيا آهن. جڏهن ته ٽٽل ڦٽل رستن شهرين جي اچ وڃ کي عذاب بڻائي ڇڏيو آهي. بجليءَ جي ڏگهي بندش ۽ پاڻيءَ جي قلت لاءِ سڪندڙ رهواسين جي زندگي مڪمل طور تي عذاب بڻجي چڪي آهي. شديد احتجاج ڪندي علائقي واسين حڪمرانن ۽ چونڊيل نمائندن کي سخت تنقيد جو نشانو بڻايو. رهواسين ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته: "هڪ طرف اسان کي بنيادي انساني حقن کان محروم رکيو ويو آهي ۽ ٻئي طرف اسان کان 'جيئي ڀٽو' جا نعرا هڻايا وڃن ٿا. اسان پڇون ٿا ته ڇا ڪوڪلن نعرن سان غريب جو پيٽ ڀرجندو يا اسان کي عملي رليف به ملندو؟" عوام جو چوڻ آهي ته اليڪشن جي ڏينهن ۾ وڏيون وڏيون دعوائون ڪندڙ نمائندا ووٽ وٺڻ کان پوءِ هن علائقي جو رخ به نٿا ڪن. جڏهن ته لاڳاپيل انتظاميا به ننڊ ستل آهي. علائقي واسين اعليٰ اختيارين کي واضح پيغام ڏيندي چٽو مطالبو ڪيو آهي ته: هاڻي ڪوڪلا واعدا ۽ دلاسو نه. پر فوري عملي قدم کنيا وڃن. علائقي ۾ بجلي ۽ صاف پاڻيءَ جي بنا رنڊڪ فراهمي يقيني بڻائي وڃي. گهٽين جي فوري صفائي ڪرائي پڪا روڊ ۽ نيڪاليءَ جو نظام ٺاهيو وڃي. رهواسين خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن سندن جائز ۽ بنيادي مسئلا فوري طور تي حل نه ڪيا ويا ته احتجاج جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو، جنهن جي سموري ذميواري لاڳاپيل انتظاميا ۽ چونڊيل نمائندن تي لاڳو ٿيندي

بقايا عوامي سوچ 19

سيده فاطمه زهراء سلام الله عليها جي سلسلي ۾ ڇهن روزن تي مشتمل مجلسِ عزا جو اهتمام ڪيو ويو. جنهن جي آخري مجلس اڄ عقيدت ۽ احترام سان منعقد ٿي. مجلسِ عزا جي شروعات تلاوتِ ڪلام پاڪ سان ڪئي وئي، جنهن جي سعادت ساحل عباس رند حاصل ڪئي. ان موقعي تي قبلا علامه محمد اسماعيل قمي صاحب خطاب ڪندي بيبي پاڪ حضرت فاطمه زهراء سلام الله عليها جي سيرت، فضيلتن، قربانين ۽ مظلوميت تي تفصيلي روشني وڌي. مجلس دوران سائين جي بارگاهه ۾ مشهور و معروف نوحه خوان استاد زوار نور علي ڪوسو ۽ انجمن لشڪر عباس عليه السلام پاران نوحه خواني ۽ پرس پيش ڪري بيبي پاڪ جي حضور ۾ عقيدت سان پرسو پيش ڪيو آخر ۾ نياز سيده مؤمنن ۽ عزادارن ۾ تقسيم ڪيو ويو. ڇهن روزن تي مشتمل هن روحاني ۽ عقيدتي سلسلي جي پڄاڻي تي مؤمنن وڏي عقيدت ۽ احترام سان شرڪت ڪري بيبي پاڪ حضرت فاطمه زهراء سلام الله عليها جي شهادت جو پرس پيش ڪيو

بقايا عوامي سوچ 20

جي تعليمي ادارن ۾ جاري ترقياتي اسڪيمن، مينٽيننس اينڊ ريپيئر ايم اينڊ آر جي ڪمن ۽ انهن جي معيار جو جائزو ورتو ويو گڏجاڻي کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر زارا زاهد ايجوڪيشن ورڪس جي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته تعليمي ادارن ۾ مينٽيننس اينڊ ريپيئر ايم اينڊ آر سميت ٻين ترقياتي ڪمن جي معيار کي بهتر بڻائڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن ۽ جاري منصوبن کي جلد کان جلد مڪمل ڪيو وڃي، جيئن شاگردن ۽ شاگردياڻين کي بهتر تعليمي سهولتون فراهم ڪري سگهجن ۽ سندن تعليم جو عمل متاثر نه ٿئي هن لاڳاپيل کاتن جي انجنيئرن کي هدايت ڪئي ته جاري اي ڊي پي ۽ ايم اينڊ آر جي ترقياتي اسڪيمن تي ايمانداري، سچائي ۽ محنت سان ڪم ڪيو وڃي، جيئن انهن منصوبن جا ثمر سڌيءَ ريت عوام تائين پهچي سگهن. هن واضح ڪيو ته ترقياتي ڪمن جي معيار ۽ رفتار تي خاص ڌيان ڏنو وڃي ۽ ان سلسلي ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت برداشت نه ڪئي ويندي. ڊپٽي ڪمشنر وڌيڪ چيو ته ضلعي جي مختلف علائقن ۾ جاري ترقياتي اسڪيمن جا اوچتا دورا ڪري ڪمن جي اڳڀرائي ۽ معيار جو جائزو پڻ ورتو ويندو گڏجاڻي کي بريفنگ ڏيندي ايگزيڪيوٽو انجنيئر اسد منڊرو ٻڌايو ته ضلعي بدين ۾ مينٽيننس اينڊ ريپيئر ايم اينڊ آر پروگرام تحت مختلف اسڪولن ۾ مرمتي ۽ ٻيا ترقياتي ڪم جاري آهن گڏجاڻي ۾ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري سيد عمران شاهه، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري عائشه پٽي، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو راجيش دليپ، ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيسر سرفراز سمون، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر لوڪل گورنمينٽ عبدالرحيم ڪٽي، اڪائونٽس آفيسر مخدوم اشرف، اسسٽنٽ آڊيٽر اياز دل ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر پڻ موجود هئا.

بقايا عوامي سوچ 21

م ()مقابلي جو تفصيلي دورو ڪيو. جتي شاگردن ۽ شاگردياڻين پاران پنهنجي هٿن سان تيار ڪيل سائنس، ٽيڪنالاجي، انجنيئرنگ، آرٽس ۽ رياضي جي موضوعن تي ٻڌل جديد ۽ تخليقي پروجيڪٽس سميت تاريخي ماڳن جا خوبصورت ماڊل پيش ڪيا ويا ڊپٽي ڪمشنر مقابلي ۾ لڳايل مختلف اسٽالن جو دورو ڪري شاگردن ۽ شاگردياڻين پاران تيار ڪيل ماڊلز جو جائزو ورتو ۽ سندن تخليقي صلاحيتن، فني مهارتن ۽ محنت کي ساراهيو. ان موقعي تي ڳالهائيندي ڊپٽي ڪمشنر زارا زاهد چيو ته تعليم ڪاتي بدين پاران شاگردن کي پنهنجي صلاحيتن ۽ تخليقي سوچ جو اظهار ڪرڻ لاءِ هڪ بهترين پليٽ فارم فراهم ڪيو ويو آهي، جنهن ذريعي هو پنهنجن خيالن کي عملي شڪل ڏئي رهيا آهن. هن چيو ته ماحولياتي تحفظ، سماجي مسئلن ۽ سائنسي موضوعن تي تيار ڪيل ماڊلز مان ظاهر ٿئي ٿو ته نوجوان نسل جديد دور جي گهرجن کي سمجهڻ ۽ انهن کي منهن ڏيڻ جي ڀرپور صلاحيت رکي ٿي هن وڌيڪ چيو ته شاگردن جي ڪاميابين پٺيان استادن جي محنت، رهنمائي ۽ تربيت جو اهم ڪردار هوندو آهي، تنهنڪري شاگردن سان گڏ استادن جي ڪوششن کي پڻ ساراهڻ ۽ تسليم ڪرڻ ضروري آهي. جيڪي پنهنجي شاگردن جي روشن مستقبل لاءِ محنت ڪري رهيا آهن ان موقعي تي بريفنگ ڏيندي فوڪل پرسن اسٽيم تهمينه سوائي خان چلگري ٻڌايو ته ضلعي بدين جي سمورن سرڪاري اسڪولن ۾ پهرين مرحلي تحت اسڪول سطح تي اسٽيم مقابلا منعقد ڪيا پيا وڃن. جڏهن ته ٻئي مرحلي ۾ اسڪول سطح تي ڪاميابي حاصل ڪندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين وچ ۾ ضلعي سطح تي مقابلا ڪرايا ويندا هن ٻڌايو ته اسٽيم مقابلي ۾ نوري جام تماچي، موهن جو دڙو ۽ حضرت سيد سمن سرڪار جي مزار جا تاريخي ماڊل، برساتي پاڻي محفوظ ڪرڻ جا طريقا، صفائي سترائي جي اهميت، کاڌي پيتي جي شين بابت معلومات، سگريٽ نوشي ۽ تمباڪو جي استعمال جا نقصان، فيول ويپر، اسان جي زمين ۽ اسان جي ذميواري، ماحولياتي تبديلي سميت مختلف اهم موضوعن تي شاگردن پاران تخليقي ماڊل تيار ڪيا ويا آهن. جڏهن ته اکين جي نور کان محروم هڪ شاگرد پاران نيوٽن جي قانونن تي ٻڌل ماڊل تيار ڪري پنهنجي صلاحيتن جو شاندار مظاهرو پڻ ڪيو ويو تهمينه سوائي خان چلگري وڌيڪ چيو ته سرڪاري اسڪولن جا شاگرد ۽ شاگردياڻيون صلاحيتن جي لحاظ کان ڪنهن کان به گهٽ ناهن. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته کين حوصلا افزائي، رهنمائي ۽ اڳتي وڌڻ جا مناسب موقعا فراهم ڪيا وڃن ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري سيد عمران شاهه، ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيسر سرفراز سمون، اسسٽنٽ ڪمشنر بدين راجيش دليپ، تعلقا ايجوڪيشن آفيسر عبدالفتاح جوڻيجو، هيڊ مسٽريس عابده پروين ميمڻ، انور علي قمبراڻي، تعليم ڪاتي جو فوڪل پرسن محمد خان سمون ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر پڻ موجود هئا.

بقايا عوامي سوچ 22

ندر ويجهو سمنڊ ۾ حجامڙو ڪريڪ سميت مختلف ڪريڪن وٽ مقامي ماهيگيرن ۽ پناڻ لانچن وارا آمهون سامهون اچي ويا، جتي پناڻ لانچن وارن پاران مقامي ماهيگيرن جي هوڙن مٿان لانچون چاڙهي ڪري کين ٻوڙڻ ۽ حملو ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون ويون. ان واقعي خلاف سوين مقامي ماهيگيرن پنهنجي هوڙن سميت ڪيٽي بندر جيٽي تي احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج ڪندڙن مقامي ماهيگيرن جي اڳواڻن اسماعيل شولاڻي، ممتاز جت شفيع محمد ميمڻ ۽ چيو ته پناڻ لانچن وارا ڪيٽي بندر سميت مقامي ماهيگيرن ۽ هوڙن وارن سان مسلسل بدمعاشي ڪري رهيا آهن. اسان پنهنجي ئي مقامي پاڻيءَ ۾ پنهنجو جائز روزگار ڪمائڻ کان به محروم ڪيو پيو وڃي. اهڙا رويا قطعي طور برداشت نه ڪيا ويندا اڳواڻن چيو ته ٻاهرين لانچن وارن طرفان مقامي ماهيگيرن تي حملا ڪرڻ ۽ سندن هوڙن کي ٻوڙڻ جون ڪوششون مجرمانه عمل آهن. جنهن سان علائقي ۾ بدامني وڌي سگهي ٿي. اختيارين کان مطالبو مقامي ماهيگيرن ۽ احتجاج ڪندڙن اعلي اختيارين، سنڌ حڪومت، ۽ ميرين پوليس کان سخت نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي ته: پناڻ لانچن وارن جي غيرقانوني مداخلت فوري طور روڪ لڳائي وڃي. مقامي ماهيگيرن جي جان ۽ مال جي تحفظ کي يقيني بڻايو وڃي. واقعي ۾ ملوث جوابدارن خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا عوامي سوچ 23

رڪ پاور ڪمپني (سيپڪو) جي ڊپٽي مئنيجر (سروسز) سکر رحيم داد سوهو واپڊا ماڊل هاءِ اسڪول سکر ۾ منعقد ٿيل تقريب دوران استادن ۽ شاگردن سان ڳالهائيندي ڪيو تقريب ۾ ايجوڪيشن ڊائريڪٽر (پرائيويٽ اسڪولز) سکر حميده جتوئي خاص شرڪت ڪئي. ان موقعي تي واپڊا ماڊل هاءِ اسڪول جي هيڊ مسٽريس فرزانه ذوالفقار معزز مهمانن جي ڀرپور آجيان ڪندي کين ڀليڪار ڪيو. شاگردن ۽ شاگردياڻين مهمانن کي گلن جا گلدستا پيش ڪيا. جڏهن ته گلن جي ورڪا ڪري پنهنجي خوشيءَ جو اظهار پڻ ڪيو. ان موقعي تي اسڪول ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين جي حوصلا افزائي ۽ سندن تخليقي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ سائنس نمائش ۽ والدين توڙي استادن جي گڏجاڻي (PTM) منعقد ڪئي وئي. سائنس نمائش ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين پاران تيار ڪيل مختلف سائنسي ماڊلز ۽ تخليقي پروجيڪٽ پيش ڪيا ويا. جن کي مهمانن پاران بيحد ساراهيو ويو. شاگردن ۽ شاگردياڻين مهمان خاص رحيم داد سوهو کي پنهنجن تيار ڪيل سائنسي پروجيڪٽن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني ۽ انهن جي افاديت، تياريءَ جي مرحلن ۽ مقصدن کان آگاهه ڪيو. مهمانن ٻارن جي محنت، ذهانت ۽ تخليقي صلاحيتن جو مشاهدو ڪندي سندن ڀرپور حوصلا افزائي ڪئي. رحيم داد سوهو وڌيڪ چيو ته موجوده دور ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين اندر سائنسي سوچ، تحقيق ۽ تخليقي صلاحيتن کي هٿي ڏيڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. اهڙيون تعليمي سرگرميون ٻارن ۾ خود اعتمادي پيدا ڪرڻ سان گڏ کين مستقبل ۾ نوان تجربا ڪرڻ ۽ سائنسي ميدان ۾ اڳتي وڌڻ جا موقعا فراهم ڪن ٿيون. هن اسڪول انتظاميا ۽ استادن جي ڪوششن کي ساراهيندي شاگردن ۽ شاگردياڻين جي روشن مستقبل لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو.تقريب ۾ اسڪول جا استاد سر علي اڪبر، سر طارق، مس طلعت، مس ڪوثر، مس غزالا، مس آصفه سميت ٻيا استاد، شاگرد، شاگردياڻيون ۽ والدين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.تقريب منعقد ڪرڻ جو بنيادي مقصد ٻارن ۾ علم ۽ تحقيق جو شوق پيدا ڪرڻ، سائنسي لاڙي کي هٿي ڏيڻ ۽ سندن لڪل صلاحيتن کي عملي طور اجاگر ڪرڻ هو

بقايا عوامي سوچ 24

جي معزز شخصيتن، سماجي اڳواڻن ۽ مقامي ماڻهن شرڪت ڪئي. افتتاحي تقريب ۾ ايڪسچينج انويس لغاري، مکي ڊاڪٽر موتي رام، انجنيئر فيرومل، ڊاڪٽر وشنو، گيان چند، تل رام، وجئي ڪمار، سريش ڪمار، پيسو مل، ميگها رام ۽ ٻيون شخصيتون موجود هيون. ان موقعي تي ڳالهائيندي ڊاڪٽر شام سندر ايدواڻي چيو ته صدر آصف علي زرداري، چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري، آصفه ڀٽو زرداري، فريال ٽالپر ۽ سنڌ جي وزير مراد علي شاهه جي خاص ڌيان ۽ تعاون سان، سنڌ حڪومت اقليتي برادري جي تاريخي جڳهن، عبادتگاهن ۽ ترقياتي منصوبن تي خاص ڌيان ڏئي رهي آهي. هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت جو ويزن ماڻهن جي خدمت ڪرڻ ۽ سڀني برادرين کي برابر ترقي جا موقعا فراهم ڪرڻ آهي. اسان جو مقصد ماڻهن جي مسئلن کي حل ڪرڻ ۽ انهن کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ آهي ته جيئن ڪنهن به شهري کي ڪنهن به قسم جي تڪليف يا تڪليف جو منهن نه ڏسڻو پوي. ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي چيو ته روڊن ۽ ٻين ترقياتي منصوبن جي مڪمل ٿيڻ سان مقامي آبادي کي روزاني زندگي ۾ آمدورفت ۾ آساني ۽ سهولت ملندي. سنڌ حڪومت عوام جي ڀلائي ۽ پٺتي پيل علائقن جي ترقي لاءِ عملي قدم کڻندي رهندي. بعد ۾، ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي گرو سائين ساڳي گري جي 32 هين ورسي جي تقريب ۾ شرڪت ڪئي ۽ کيس خراج تحسين پيش ڪيو. ان موقعي تي، هن چيو ته سنڌ صوفين، بزرگن ۽ روحاني شخصيتن جي سرزمين آهي، جن هميشه پيار، امن، ڀائيچاري، انسانيت ۽ رواداري جو پيغام ڏنو. انهن بزرگن جون تعليمات اڄ به سماج ۾ اتحاد ۽ باهمي احترام کي فروغ ڏيڻ لاءِ هڪ مشعل راهه آهن. هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي اقليتي برادري جي حقن جي تحفظ، مذهبي آزادي، عبادت جي جڳهن جي سار سنڀال ۽ تاريخي هنڌن جي ترقي کي اهميت ڏئي ٿي. سنڌ حڪومت سڀني مذهبي برادرين کي گڏ ڪرڻ ۽ صوبي ۾ امن، ڀائيچاري ۽ خوشحالي کي فروغ ڏيڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي رهندي.

بقايا عوامي سوچ 25

جي عملي ۽ سيڪيورٽي گارڊز جي حوصلا افزائي لاءِ هڪ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر سيوهڻ بابر علي بلوچ خاص مهمان طور شرڪت ڪئي. جڏهن ته تقريب جو اهتمام اداري جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر معين الدين صديقي پاران ڪيو ويو. واضح رهي ته 8 نومبر تي اسپتال جي گرائونڊ فلور تي باهه لڳڻ واري واقعي دوران موجود عملي ۽ سيڪيورٽي گارڊز فوري طور تي ڪارروائي ڪندي باهه وسائڻ جون ڪوششون ڪيون ۽ پنهنجي جانن جي پرواهه ڪرڻ کان سواءِ اسپتال ۾ موجود مريضن ۽ ٻين ماڻهن کي محفوظ طريقي سان ٻاهر منتقل ڪيو. جنهن سبب ڪو به جاني نقصان نه ٿيو. ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر بابر علي بلوچ ۽ ڊائريڪٽر ڊاڪٽر معين الدين صديقي پاران باهه لڳڻ واري واقعي دوران بهترين ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندڙ عملي جي ميمبرن ۽ سيڪيورٽي گارڊز ۾ تعريفي سرٽيفڪيٽ ۽ اعزازي سندون ورهايون ويون. تقريب کي خطاب ڪندي مهمانن چيو ته هنگامي حالتن ۾ انساني جانيون بچائڻ ۽ بهادريءَ سان پنهنجا فرض سرانجام ڏيڻ عملي جي بهترين جذبي، ذميواري ۽ فرض شناسيءَ جو ثبوت آهي. اهڙن ملازمن جي حوصلا افزائي ڪرڻ سان اداري ۾ خدمت ۽ ذميواريءَ جو جذبو وڌيڪ مضبوط ٿيندو. ان موقعي تي موجود عملي جي سمورن ميمبرن ڊائريڪٽر ڊاڪٽر معين الدين صديقي جا ٿورا مڃيندي چيو ته سندن محنت، بهادري ۽ خدمتن کي ساراهڻ لاءِ اهڙي تقريب جو انعقاد سندن لاءِ وڏي حوصلا افزائي آهي. هنن عملي جي خدمتن کي مڃتا ڏيڻ ۽ سندن قدر ڪرڻ واري قدم کي ساراهيو. تقريب خوشگوار ماحول ۾ پڄاڻيءَ تي پهتي. جتي اسپتال جي عملي ان عزم جو اظهار ڪيو ته هو مستقبل ۾ به اداري ۽ مريضن جي خدمت لاءِ پوري جذبي، ايمانداري ۽ ذميواريءَ سان پنهنجا فرض سرانجام ڏيندا رهندا

بقايا عوامي سوچ 26

خلاف داخل درخواست تي ڌرين جا دليل مڪمل ٿيڻ بعد فيصلو محفوظ ڪري ورتو. درخواستگذار جي وڪيل موقف اختيار ڪيو ته تاريخي عمارت موهٽا پيلس سان لڳ قاضي هائوس ۾ اڏاوت ڪم جاري آهي، جڏهن ته قاضي هائوس پڻ قومي ثقافتي ورثو آهي. هن عدالت کي ٻڌايو ته ثقافتي ورثو قرار ڏنل قاضي هائوس جي عمارت رهائشي مقصدن لاءِ ليز تي ڏني وئي آهي. درخواستگذار جي وڪيل موجب ڪراچي بلڊنگ اينڊ ٽائون پلاننگ ريگيوليشنز تحت زمين جي استعمال ۾ تبديلي لاءِ لاڳاپيل مجاز اختيارين کان منظوري وٺڻ ضروري آهي. هن خدشو ظاهر ڪيو ته جاري اڏاوت سرگرمين سبب موهٽا پيلس ۽ ٻين تاريخي عمارتن کي نقصان پهچي سگهي ٿو. ان موقعي تي عدالت رمارڪس ڏنا ته هن معاملي تي ثقافت ۽ ورثي واري ڪاتي کي فيصلو ڪرڻو آهي، جنهن تي درخواستگذار جي وڪيل چيو ته ثقافت ڪاتو اڳ ئي ان حوالي سان فيصلو ڪري چڪو آهي.سرڪاري وڪيل عدالت کي ٻڌايو ته موهٽا پيلس گيلري ٽرسٽ جي شڪايت تي ثقافت ڪاتي قاضي هائوس ۾ کوٽائي جو ڪم بند ڪرايو هو. جڏهن ته شوڪاز نوٽيس جاري ڪرڻ بعد معاملو ٽيڪنيڪل ڪميٽي ڏانهن موڪليو ويو هو.سرڪاري وڪيل موجب ورثي بابت قانونن تي عملدرآمد ۽ عمارت جي اسٽرڪچرل جائزي ڪانپوءِ شرطن سان محدود اڏاوت اجازت ڏني وئي آهي. هن وڌيڪ ٻڌايو ته زمين جي استعمال ۾ تبديلي ۽ اڏاوت منظوري جا معاملا سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي (ايس بي سي اي) ۽ روينيو اختيارين جي دائري ۾ اچن ٿا.واضح رهي ته قاضي هائوس ۾ نئين اڏاوت ڪم خلاف ڀرپاسي جي رهواسين عدالت ۾ درخواستون داخل ڪرائي رکيون آهن.

بقايا عوامي سوچ 27

طور حراسان ڪرڻ واري درخواست اڪلائي ڇڏي. عدالت کي اين سي سي آءِ اي اختيارين آگاهه ڪيو ته لاڳاپيل سب انسپيڪٽر خلاف کاتي اندر ڪارروائي جاري آهي. عدالت ۾ درخواست تي ٻڌڻي دوران اين سي سي آءِ اي اختيارين ۽ درخواستگذار عورت جو وڪيل بئريسٽر عطا حسين پيش ٿيا. جڏهن ته اداري طرفان جواب پڻ جمع ڪرايو ويو.ٻڌڻي دوران درخواستگذار عورت جي وڪيل موقف اختيار ڪيو ته اين سي سي آءِ اي جي سب انسپيڪٽر چوڌري عمران الله عورت کي جيڪو نوٽيس جاري ڪيو. ان ۾ نه انڪوائري نمبر ڄاڻايل هو ۽ نه ئي شڪايت ڪندڙ جو نالو لکيل هو.وڪيل الزام هنيو ته سب انسپيڪٽر عورت کي پيغام موڪلي رات جو ڪلب ۾ ملاقات ڪرڻ لاءِ چيو هو. جڏهن ته ملاقات کان انڪار ڪرڻ بعد ڪيس نوٽيس جاري ڪيو ويو. بئريسٽر عطا حسين وڌيڪ موقف اختيار ڪيو ته عدالت پاران انڪوائري جو حڪم ڏيڻ ڪانپوءِ هڪ فرضي شڪايت ڪندڙ کي سامهون آندو ويو.ان موقعي تي اين سي سي آءِ اي اختيارين عدالت کي ٻڌايو ته زرڪ خان نالي شهري عورت خلاف شڪايت داخل ڪرائي هئي، جنهن جي بنياد تي ڪيس نوٽيس جاري ڪيو ويو. شڪايت ڪندڙ الزام هنيو آهي ته عورت کيس سوشل ميڊيا تي فالو ڪري ٿي ۽ کانئس پئسا گهري ٿي. عدالت اين سي سي آءِ اي اختيارين کان پڇاڻو ڪيو ته سب انسپيڪٽر خلاف الزامن جي انڪوائري جو حڪم ڏنو ويو هو، ان سلسلي ۾ ڪهڙي اڳڀرائي ٿي آهي؟ جنهن تي اختيارين عدالت کي ٻڌايو ته معاملي تي ڪاتي اندر ڪارروائي جاري آهي. درخواستگذار عورت پاران اطمينان ظاهر ڪرڻ تي سنڌ هاءِ ڪورٽ درخواست اڪلائي ڇڏي.

بقايا عوامي سوچ 28

لق رکندڙ حفاظ ڪرام، قاري حضرات، ٻارن ۽ نوجوانن کي تلاوت جو موقعو ڏنو ويندو. شرڪت ڪندڙ ڪلامِ پاڪ جي دلڪش ۽ پرسوز تلاوت پيش ڪندا. جڏهن ته نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ قراءِ جي حوصلا افزائي پڻ ڪئي ويندي. هن حوالي سان ٽائون چيئرمين مصطفيٰ بلال شيخ پنهنجي بيان ۾ چيو ته قرآن پاڪ الله تعاليٰ جي سڀ کان وڏي نعمت ۽ هدايت جون انهن کي پنهنجي دين، پنهنجي تهذيب ۽ پنهنجي اصل سان ڳنڍڻ جو بهترين ذريعو آهن. هن چيو ته ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن ميان سرفراز نه صرف صفائي، ترقياتي ڪمن ۽ عوامي سهولتن تي توجه ڏئي رهي آهي پر نوجوانن جي ديني ۽ اخلاقي تربيت لاءِ به اهڙن پروگرامن جو انعقاد پنهنجي ذميواري سمجهي ٿي. چيئرمين ٽائون جي سمورن رهاڪن، والدين، استادن، علماء ڪرام ۽ سماجي شخصيتن کي اپيل ڪئي ته هو پنهنجن ٻارن ۽ نوجوانن کي هن محفل ۾ ضرور گڏ وٺي اچن، تلاوت ٻڌن ۽ انهن جي حوصلا افزائي ڪن ته جيئن انهن ۾ قرآن سان محبت ۽ اڳتي وڌڻ جو جذبو پيدا ٿئي.هن وڌيڪ چيو ته علم ۽ ايمان سان جڙيل نسل ئي روشن مستقبل جي ضامن آهي، ۽ جيڪڏهن اسان اڄ پنهنجن ٻارن کي قرآن جي روشني سان منور ڪري ڇڏيو ته سڀاڻي اسان جو معاشرو امن، محبت ۽ ڀائيچاري جو گهوارو بڻجي ويندو. پروگرام جي حوالي سان وڌيڪ تفصيل، تاريخ ۽ هنڌ جو اعلان جلد ڪيو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 29

لاڙڪاڻي ضلعي جي فنانس سيڪريٽريءَ پروفيسر عابد علي مغيري کي ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي جنرل سيڪريٽري چونڊجڻ تي انهن جي مانَ ۾ ڪاليج جي اسٽاف روم ۾ هڪ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن تقريب جا مهمان خاص طور ريجنل ڊائريڪٽر ڪاليجز لاڙڪاڻو پروفيسر ڊاڪٽر ڪرم حسين وڏو، ڊپٽي ڊائريڪٽر ڪاليجز لاڙڪاڻو پروفيسر ڪرم علي پٽي ۽ پروفيسر سيد امير علي شاهه شرڪت ڪئي تقريب ۾ ڪاليج جي پرنسپال ۽ معزز مهمانن پاران نون چونڊيل عهديدارن کي سنڌ جي ثقافتي سوکڙي اجرڪ اوڍائي، گلن جا هار پارائي سندن چونڊجڻ تي دلي مبارڪباد پيش ڪئي وئي. ان موقعي تي ڪاليج جي پرنسپال پروفيسر ذوالفقار علي ٿنيو پاران مهمان خاص پروفيسر ڊاڪٽر ڪرم حسين وڏو کي گلدستو پيش ڪري ڀليڪار ڪيو ويو. جڏهن ته ڊپٽي ڊائريڪٽر پروفيسر ڪرم علي پٽي ۽ پروفيسر سيد امير علي شاهه کي اجرڪون اوڍائي سنڌي ثقافت موجب سندن آجيان ڪئي وئي. ان موقعي تي نون چونڊيل عهديدارن پروفيسر ڊاڪٽر قربان علي مگسي ۽ پروفيسر عابد علي مغيري تقريب جي ميزبان پرنسپال پروفيسر ذوالفقار علي ٿنيو، ڪاليج جي سموري ٽيچنگ اسٽاف ۽ شرڪت ڪندڙ معزز مهمانن جا ٿورا مڃيندي چيو ته کين جيڪا ذميواري سونپي وئي آهي. ان کي ڀرپور نموني نڀائڻ ۽ ڪاليجي استادن جي حقن، عزت ۽ وقار لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندا.

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن
وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان
دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

تعلقي ڇاڇري جي ڳوٺ منڊريو ڪيلهڻ ڀيل پاڙي جو آر او پلانٽ ڪيترن ئي سالن کان خراب ڳوٺاڻا مٺي پاڻي لاءِ پريشان

ڳوٺاڻن پرتاب ڀيل رتن ڀيل مجنون ڀيل آنبو ماستر آچار ڀيل هيرو ڀيل ۽ اسڪول جي شاگردن سميت ميڊيا کي احتجاج

اسان جي ڳوٺ جي اسڪول ۾ ٽي سئو کان مٿي ٻار داخل آهن تن کي لائين وسيلي پاڻي فراهم ڪيو ويندو

سو بہ بند ٿيڻ جي ڪري ٻار سخت پريشاني ۾ مبتلا آهن اسڪول ۾ پاڻي نہ ملڻ جي صورت ۾ ڪافي ٻارن اسڪول وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو) تعلقي ڇاڇري جي ڳوٺ منڊريو ڪيلهڻ ڀيل پاڙي جو آر او پلانٽ ڪيترن ئي سالن کان خراب ڳوٺاڻا مٺي پاڻي لاءِ پريشان ڳوٺاڻن پرتاب ڀيل رتن ڀيل مجنون ڀيل آنبو ماستر آچار ڀيل هيرو ڀيل ۽ اسڪول جي شاگردن س/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

فائر سيفٽي اسٽينڊرڊ آپريٽنگ پروسيجرز (SOPS) جي حوالي سان هڪ خاص آگاهي ۽ تربيتي اجلاس منعقد

فائر سيفٽي ايس او پيز، باهه وسائڻ وارن جي مناسب استعمال ۽ هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ بابت آگاهي ڏني وئي

شرڪت ڪندڙن کي عملي مظاهرو پڻ ڪيو ويو. تربيتي اجلاس سول ڊفينس سکر جي انچارج ميان جهانگير عباسي جي نگراني ۾ ٿيو

جنهن ۾ ڊپٽي چيف وارڊن سول ڊفينس وارڊن سروس سکر ڊاڪٽر سعيد اعوان ۽ پوسٽ وارڊن محمد بابر شرڪت ڪندڙن کي تربيت ڏني

سکر (بيورو چيف محمد قاسم ملڪ) فخر سنڌ جي ڊائريڪٽر سول ڊفينس سنڌ رياض حسين لغاري ۽ فخر سکر جي ڊپٽي ڪمشنر ۽ ڪنٽرولر سول ڊفينس سکر نادر شهزاد خان جي خاص هدايتن تي فائر سيفٽي اسٽينڊرڊ آپريٽنگ پروسيج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

ٿرپارڪر ضلعي کي ڏڪار ستيل علائقو قرار ڏنو ويو آهي: محمد خان لنڊ

ڪلوئي تعلقہ جي بئراج ايريا جي نون ديهن کي سرسبز علائقو ڄاڻائي ڏڪار ستيل جي لسٽ ۾ نہ رکيو ويو آهي

رڻ شاخ ۾ ڪيتري عرصي کان ٽيل ۾ پاڻي نہ پهچڻ سبب فصل تباهہ ٿي چڪا آهن

مٺي (ڊ-ر محمدرحيم مگريو) ٿرپارڪر جي ناليواري سياسي ۽ سماجي اڳواڻ محمد خان لنڊ چيو آهي تہ ٿرپارڪر ضلعي کي ڏڪار ستيل علائقو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

ڳوٺ عيدو چانگ جي رهواسين جو نيشنل پريس ڪلب بدين تي اسڪول بلڊنگ لاءِ پريس ڪانفرنس

پرائمري اسڪول ۾ هڪ سئو کان وڌيڪ ٻار پڙهن ٿا بلڊنگ زبون آهي صرف هڪ استاد آهي، محمد عرس چانگ

اسان جي ڳوٺ عيدو چانگ ۾ GPS عيدو چانگ جيڪو لڳ ڀڳ 20 سال اڳ تعمير ٿيو هو

جنهن بعد پرائمري اسڪول جي نہ ڪا مرمت ٿي آهي ۽ نہ ئي ڪو فرنيچر مليو آهي

بدين (رجب راهمون) ڳوٺ عيدو چانگ جي رهواسين جو نيشنل پريس ڪلب بدين تي اسڪول بلڊنگ لاءِ پريس ڪانفرنس پرائمري اسڪول ۾ هڪ سئو کان وڌيڪ ٻار پڙهن ٿا بلڊنگ زبون آهي صرف هڪ استاد آهي. محمد عرس/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

ورلڊ بئنڪ ۽ حڪومت سنڌ جي نگراني هيٺ هلندڙ ممتا پروگرام جي اعلي عملدارن جو دورو

انچارج BHU پلس سينٽر چتوچنڊ ڊاڪٽر عبدالحسين شاهہ ۽ حڪومت سنڌ جي منتا پروگرام جي عملدارن کان بريفنگ حاصل ڪري ڪين هدايت

ايندڙ مريضن کي بهتر صحت جون سهولتون مهيا ڪري سنڌ حڪومت جي ممتا پروگرام تحت عورتن کي سهولتون ۽ وظيفا مهيا ڪن

ورلڊ بئنڪ ۽ پي پي ايڇ آءِ سنڌ جي ممتا پروگرام جي عملدار چتوچنڊ سينٽر جو دورو ڪري جائزو ورتو آهي

گهوڙاٻاري (شاهہ خالد ڏاتاري) ورلڊ بئنڪ ۽ حڪومت سنڌ جي نگراني هيٺ هلندڙ ممتا پروگرام جي اعلي عملدارن ڊاڪٽر مهرين، آمنہ صعيب، محسن ٻبر، سليم، PPHi ٺٽي جي ڊسٽرڪٽ مئنيجر راحيل ميمڻ ۽ ٻين پاران ٺٽي جو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

بهبودي آبادي کاتي ضلعي ٺٽي طرفان هڪ روز قومي صحت خانداني منصوبابندي ميلو ۽ مفت ميڊيڪل ڪئمپ

مفت ميڊيڪل ڪئمپ ڪاروڇاڻ جي يوسي ٻيٽ ميهار، ڳوٺ حاجي عمر اوٺو ۾ لڳائي وئي

جنهن ۾ ڊاڪٽرن، ڊاڪٽرياڻين ۽ فيملي پلاننگ جي ٽيم طرفان عورتن ۽ ٻارڙن جو طبي معائنو ڪري ڪين مفت دوائون پڻ ڏنيون ويون

پي پي ايڇ آءِ، هينڊس، وائيٽل سن شاهين ڪميونٽي، ڊي ايڇ او هيلٿ آفيس ٺٽي جو پڻ مڪمل تعاون رهيو

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) بهبودي آبادي کاتي ضلعي ٺٽي طرفان هڪ روز قومي صحت خانداني منصوبابندي ميلو ۽ مفت ميڊيڪل ڪئمپ ڪاروڇاڻ جي يوسي ٻيٽ ميهار، ڳوٺ حاجي عمراوٺو ۾ لڳائي وئي، جنهن ۾ ڊاڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

ناميارِي استاد اڳواڻ، ترقي پسند ليکڪ ۽ پبلشر سائين قادر بخش طالباڻي جي پهرين ورسي تقريب

سنڌ ڌرتيءَ جو قرض ۽ فرض ادا ڪيو وڃي، سنڌ جون خطرناڪ مجموعي خطرناڪ حالتون اسان اهائي تقاضا ڪن ٿيون

ان موقعي تي راڳي جان محمد لغاري بهترين ڪلام جهونگاري، ڌرتيءَ سان محبت جا گل نڇاور ڪيا

سائين قادر بخش طالباڻي سموري سنڌ جي استادن جو روح روان ۽ جاکوڙي ڪردار هو

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ حبيب شيخ) سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊي محمد خان ۽ انجمن ترقي پسند مصنفين ٽنڊي محمد خان چيپٽر پاران ناميارِي ڪاهوڙي استاد اڳواڻ، ترقي پسند ليکڪ ۽ پبلشر سائين قادر بخش طالباڻي جي پهرين ورس/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

عربي سمنڊ ۾ هڪ طرف سامونڊي ڌاڙيلن ٻئي طرف ڌارين ماڻهن مقامي ماهيگيرن جو جيئڻ جنجال

بنائي سندن هوڙن، لانچن ۽ ٻيڙين کي مبينا طور نقصان پهچائڻ جي ڪوشش، مقامي ماهيگيرن جون دانهون

امڪاني نقصان کان بچائي ڌارين ماڻهن خلاف ڪاروائي ڪري روزگار بچائڻ جي گهر ڪري ڇڏي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) عربي سمنڊ ۾ هڪ طرف سامونڊي ڌاڙيلن ٻئي طرف ڌارين ماڻهن مقامي ماهيگيرن جو جيئڻ جنجال بنائي سندن هوڙن، لانچن ۽ ٻيڙين کي مبينا طور نقصان پهچائڻ جي ڪوشش، مقامي ماهيگيرن جون دانهون، امڪاني نقصان کان بچائي ڌارين ماڻهن خلاف ڪاروائي ڪري روزگار بچائڻ جي گهر ڪري ڇڏي اهي، ان سلسلي ۾ ضلعي ٺٽي جي ساحلي پٽي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

جهمپير لڳ ڳوٺ ڦوٽو درس جي رهواسي غلام مصطفيٰ خاصخيلي ٺٽي پهچي احتجاج

سندس زال بينظير خاصخيلي ساڻس ڪنهن معاملي تان ڪاوڙجي گهران نڪري پراسرار نموني گم ٿي وئي آهي

جنهن جي گهٽي گولا بعد گمشدگي جي رپورٽ پڻ جهمپير ٿاڻي تي درج ڪرائي اهي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) جهمپير لڳ ڳوٺ ڦوٽو درس جي رهواسي غلام مصطفيٰ خاصخيلي ٺٽي پهچي ڏانهيندي الزام هنيندي چيو اهي تہ هڪ هفتو اڳ گذريل جمعي واري ڏينهن سندس زال بينظير خاصخيلي ساڻس ڪنهن معاملي تان /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

يوسي مراد ميمڻ ٻچل باغ، اسماعيل شاهہ درگاهہ ڳوٺ جي رهواسين جي صبر جو پيمانو لبريز بنيادي سهولتن کان محروم

عوام جو چونڊيل نمائندن کان چٽو سوال: آخر اسان جو ڏوهہ ڇا آهي

نہ پيئڻ لاءِ صاف پاڻي، نہ بجلي، نہ صفائيءَ جو ڪو نالو نشان ۽ نہ ئي هلڻ جهڙيون گهٽيون

ڪراچي)رپورٽ منصور چانڊيو (يوسي مراد ميمڻ ٻچل باغ. اسماعيل شاهہ درگاهہ ڳوٺ جي رهواسين جي صبر جو پيمانو لبريز بنيادي سهولتن ڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

جوهي شهر ۾ وڌندڙ بدامني ٻن هفتن کان گئس جي بندش

پاڻي سميت ٻين بنيادي مسئلن جي حل لاءِ مرڪزي جماعت اهل سنت جي آفيس تي اهم اجلاس

اجلاس زير صدارت جماعت اهل سنت جي اڳواڻ سيد نور محمد شاهہ جي ٿي گذريو

جوهي (رپورٽ رحيم بخش ميمڻ) جوهي شهر ۾ وڌندڙ بدامني ٻن هفتن کان گئس جي بندش، بجلي جي هتراڌو لوڊ شيڊنگ ۽ پيئڻ جي پاڻي سميت /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

ڏوڪري ۾ اکين جي مرض ۾ مبتلا مريضن جي لاءِ پي پي ايڇ آءِ طرفان هڪ ڏينهن جي مفت طبي ڪئمپ قائم

گدا حسين چاچڙ، ڊاڪٽر نعيم احمد شيخ، ڊاڪٽر الهہ ڏنو ٽنيو، بشير احمد سرگاني ۽ ٻين گڏجي ڪيو

جنهن بعد اکين جي مريضن جا مفت آپريشن ڪرڻ شروع ڪيا ويا

ڏوڪري(رپورٽر) ڏوڪري ۾ اکين جي مرض ۾ مبتلا مريضن جي لاءِ پي پي ايڇ آءِ طرفان هڪ ڏينهن جي مفت طبي ڪئمپ قائم ڪئي وئي آهي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

شهيد شفيع محمد ڪرناڻي چوڪ بائي پاس وٽ ڪرناڻي ڪمپيوٽرز جو افتتاح

افتتاح شهيد شفيع محمد ڪرناڻي جي وڏي ڀاءُ علي محمد ڪرناڻي جي هٿان ٿي گذريو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) شهيد شفيع محمد ڪرناڻي چوڪ بائي پاس وٽ ڪرناڻي ڪمپيوٽرز جو افتتاح شهيد شفيع محمد ڪر/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

واهي پانڌي ۾ قومي عوامي تحريڪ جو اجلاس

سنڌ جي موجوده سنگين صورتحال تي ڳڻتي، تنظيم سازي ۽ محبت سنڌ ريلي ۾ شرڪت لاءِ رٿابندي

سڄاڳ ٻار تحريڪ ڪاڇو جي اڳواڻ ڪامريڊ شهزاد برهماڻي سميت وڏي انگ ۾ ڪارڪنن شرڪت ڪئي

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنہ) قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ ايڊووڪيٽ مير ڪوسو ۽ ضلعي دادو جي صدر سومار چانڊيو واهي پانڌي ج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

گهاڙي محلي ۾ صفائي ستھرائي ۽ گندي پاڻي جي نيڪال جو نظام نہ هجڻ سبب گندگي جا ڍير لڳي ويا

گندو پاڻي گهرن ۾ داخل ٿيڻ سبب رهواسي سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن

نيڪال جو بندوبست ڪري بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

دادو (ڊ-ر) دادو جي نجم ڪالوني جي گهاڙي محلي ۾ صفائي ستھرائي ۽ گندي پاڻي جي نيڪال جو نظام نہ هجڻ سبب گندگي جا ڍير لڳي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

هلال احمر پاڪستان ٺٽي جو ڀري واري ڳوٺ ۾ اسپيشل ماڻهن لاءِ ساراهہ جوڳو قدم

گهرن جي درن تي ويل چيئرون فراهم هلال احمر پاڪستان ضلعي ٺٽي انسانيت جي خدمت جو هڪ ٻيو مثال قائم

ڳوٺ ولي محمد شورو پهچي ٻن انتهائي بيمار ۽ اسپيشل ماڻهن ۾ ويل چيئرون ورهايون

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو)هلال احمر پاڪستان ٺٽي جو ڀري واري ڳوٺ ۾ اسپيشل ماڻهن لاءِ ساراهہ جوڳو قدم، گهرن جي درن تي ويل چيئرون فراهم هلال ا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

مسافر وينن جي ڇتين ۽ ٻاهرين ڏاڪڻين تي سفر، انساني زندگيون خطري ۾

ڊرائيور مبينا طور وڌيڪ ڀاڙو ڪمائڻ جي لالچ ۾ مسافرن کي وينن جي ڇتين ۽ ٻاهرين ڏاڪڻين تي ويهاري سفر ڪرائي رهيا آهن

علائقي ۾ سفر جي اهڙي خطرناڪ طريقي سبب ڪيترائي حادثا پڻ پيش اچي چڪا آهن

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) مسافر وينن جي ڇتين ۽ ٻاهرين ڏاڪڻين تي سفر، انساني زندگيون خطري ۾، انتظاميا کان فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ماڻلي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

دادو ۾ ”محفوظ اسڪول، مضبوط قوم“ جي عنوان هيٺ آگاهي تقريب

قدرتي آفتن کان بچاءَ بابت شرڪت ڪندڙن کي ڄاڻ ڏني وئي

استادن، والدين ۽ عام شهرين ۾ قدرتي آفتن کان بچاءَ بابت شعور ۽ ذميواري بابت آگاهي ڏيڻ آهي

دادو (رپورٽ محمد رفيق چنا) دادو ۾ ”محفوظ اسڪول، مضبوط قوم“ جي عنوان هيٺ آگاهي تقريب، قدرتي آفتن کان بچاءَ بابت شرڪت ڪن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

سيده فاطمہ زهراءِ سلام الله عليها جي سلسلي ۾ ڇهن روزن تي مشتمل مجلسن جو سلسلو پڄاڻيءَ تي پهتو

آخري مجلس عقيدت ۽ احترام سان منعقد ڪئي وئي، ايامِ شهادت حضرت سيده فاطمہ زهراءِ سلام الله عليها جي سلسلي ۾ ڇهن روزن تي مشتمل مجلسِ عزا جو اهتمام ڪيو ويو

جنهن جي آخري مجلس اڄ عقيدت ۽ احترام سان منعقد ٿي، مجلسِ عزا جي شروعات تلاوتِ ڪلامِ پاڪ سان ڪئي وئي

جنهن جي سعادت ساحل عباس رند حاصل ڪئي. ان موقعي تي قبلا علام محمد اسماعيل قمي صاحب خطاب

)رپورٽ ڪاشف علي رند(ايامِ شهادت حضرت سيده فاطمہ زهراءِ سلام الله عليها جي سلسلي ۾ ڇهن روزن تي مشتمل مجلسن جو سلسلو پڄاڻيءَ تي پهتو. آخري مجلس عقيدت ۽ احترام سان منعقد ڪئي وئي. ايامِ شهادت حضرت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

بدين ۾ تعليمي ادارن جا ترقياتي ڪم جلد مڪمل ڪيا وڃن: ڊي سي

معيار تي ڪو بہ سمجهوتو برداشت نہ ڪيو ويندو: ڊپٽي ڪمشنر زارا زاهد

ڪميٽي روم ۾ ايجوڪيشن ورڪس ۽ تعليم کاتي جي آفيسرن سان اهم گڏجاڻي منعقد

جنهن ۾ ضلعي جي تعليمي ادارن ۾ جاري ترقياتي اسڪيمن، مينٽيننس اينڊ ريپيئر ايم اينڊ آر جي ڪمن ۽ انهن جي معيار جو جائزو ورتو ويو

بدين (رجب راهمون) چيئرمين ڊسٽرڪٽ اوورسائيٽ ڪميٽي ۽ ڊپٽي ڪمشنر بدين زارا زاهد جي صدارت هيٺ ڪميٽي روم ۾ ايجوڪيشن ورڪس ۽ تعليم کاتي جي آفيسرن سان اهم گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ضلعي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

بدين ۾ اسڪول سطح تي اسٽيم مقابلا جاري

شاگردن پاران سائنس، ٽيڪنالاجي ۽ تاريخي ماڳن جا تخليقي ماڊل پيش

ڊپٽي ڪمشنر جو شاندار صلاحيتن جو مظاهرو ڪرڻ تي شاگردن، شاگردياڻين ۽ استادن جي محنت کي ساراهيو

بدين (. رجب راهمون) ڊپٽي ڪمشنر بدين زارا زاهد گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول ايگروويل ڪالوني ۾ منعقد ڪيل اسڪول سطح جي اسٽي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

ڪيٽي بندر سمنڊ ۾ حجامڙو ڪريڪ وٽ مقامي ماهيگيرن تي پٺاڻ لانچ وارن پاران حملا ڪرڻ خلاف احتجاج

ڪيٽي بندر ويجهو سمنڊ ۾ حجامڙو ڪريڪ سميت مختلف ڪريڪن وٽ مقامي ماهيگيرن ۽ پٺاڻ لانچن وارا آمهون سامهون اچي ويا

جتي پٺاڻ لانچن وارن پاران مقامي ماهيگيرن جي هوڙن مٿان لانچون چالو ڪري ڪين ٻوڙڻ ۽ حملو ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون ويون

ان واقعي خلاف سوين مقامي ماهيگيرن پنهنجي هوڙن سميت ڪيٽي بندر جيٽي تي احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو

گهاڙهو (رپورٽ جاويد علي خاصخيلي) ڪيٽي بندر سمنڊ ۾ حجامڙو ڪريڪ وٽ مقامي ماهيگيرن تي پٺاڻ لانچ وارن پاران حملا ڪرڻ خلاف سوين ماهيگيرن پنهنجا هوڙا ڪيٽي بندر ۾ ٻهاري احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو ڪيٽي ب/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

واپڊا ماڊل هاءِ اسڪول سکر ۾ سائنس نمائش

شاگردن ۽ شاگردياڻين جي تخليقي سائنسي پروجيڪٽن مهمانن جون دليون کٽي ورتيون

تقريب منعقد ڪرڻ جو بنيادي مقصد ٻارن ۾ علم ۽ تحقيق جو شوق پيدا ڪرڻ، سائنسي لاڙي کي هٿي ڏيڻ ۽ سندن لڪل صلاحيتن کي عملي طور اجاگر ڪرڻ هو

مس طلعت، مس ڪوثر، مس غزالا، مس آصفہ سميت ٻيا استاد، شاگرد، شاگردياڻيون ۽ والدين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

سکر (بيورو چيف محمد قاسم ملڪ) تعليمي ادارن ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين جي لڪل صلاحيتن ۽ ٽيلنٽ کي اجاگر ڪرڻ سان انهن ۾ خود اعتمادي، خودمختياري ۽ تخليقي سوچ کي هٿي ملي ٿي. اهڙن خيالن جو اظهار سکر اليڪٽ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

ٻولا خان پوليس اسٽيشن ۾ منگلگير روڊ جو افتتاح

ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي گرو سائين ساڳي گري جي 32 هين ورسي جي تقريب ۾ پڻ شرڪت ڪئي

پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت جو ويزن ماڻهن جي خدمت ڪرڻ ۽ سڀني برادرين کي برابر ترقي جا موقعا فراهم ڪرڻ آهي: ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي

انهن کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ آهي تہ جيئن ڪنهن بہ شهري کي ڪنهن بہ قسم جي تڪليف يا تڪليف جو منهن نہ ڏسڻو پوي

ڪراچي(رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي ميمبر سنڌ اسيمبلي ۽ اقليتي معاملن بابت سنڌ جي وڏي وزير جي خاص مددگار ڊاڪٽر شام سندر ايڊواڻي ٻولا خان پوليس اسٽيشن ۾ منگلگار روڊ جو افتتاح ڪيو. ان موقعي تي علائقي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

سيوهڻ اسپتال ۾ باهہ دوران مريضن جون حياتيون بچائيندڙ عملي ۽ سيڪيورٽي گارڊز جي بهادريءَ جو اعتراف، تعريفي سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا

هنگامي حالتن ۾ انساني جانيون بچائڻ ۽ بهادريءَ سان پنهنجا فرض سرانجام ڏيڻ عملي جي بهترين جذبي، ذميواري ۽ فرض شناسيءَ جو ثبوت آهي: مهمان

اهڙن ملازمن جي حوصلا افزائي ڪرڻ سان اداري ۾ خدمت ۽ ذميواريءَ جو جذبو وڌيڪ مضبوط ٿيندو

سندن محنت، بهادري ۽ خدمتن کي ساراهڻ لاءِ اهڙي تقريب جو انعقاد سندن لاءِ وڏي حوصلا افزائي آهي

سيوهڻ شريف(رپورٽر) سيوهڻ شريف جي سيد عبدالله شاهہ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز (SASIMS) جي مرڪزي اسپتال ۾ ڪجهہ ڏينهن اڳ پيش آيل باهہ لڳڻ واري واقعي دوران بهادري، همت ۽ فرض شناسيءَ جو مظاهرو ڪندڙ اسپتال /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

SEHWAN, SINDH
YOUR HEALTH,
OUR C MITMENT.
YOUR TR HONOUR.

سيوهڻ: سيوهڻ اسپتال ۾ باهہ دوران مريضن جون حياتيون بچائيندڙ عملي ۽ سيڪيورٽي گارڊز جي بهادريءَ جو اعتراف، تعريفي سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا

قاضي هائوس ۾ مبينا غيرقانوني اڏاوتن خلاف فيصلو محفوظ

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ثقافتي ورثو قرار ڏنل قاضي هائوس ۾ مبينا غيرقانوني اڏاوتن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

عدالت عورت کي حراسان ڪرڻ واري درخواست اڪلائي ڇڏي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ اين سي سي آءِ اي جي سب انسپيڪٽر پاران عورت کي مبينا /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

مياڻ سرفراز ٽائون ۾ ”نورِ قرآن“ جي محفل جلد سجندي

ٽائون مياڻ سرفراز جي زير اهتمام حسنِ قرت جو روح پرور مقابلو ٿيندو، مصطفيٰ بلال شيخ

هن روحاني محفل جو مقصد نئين نسل کي قرآن پاڪ سان ڳنڍڻ، تلاوت جي ذوق کي فروغ ڏيڻ ۽ ٽائون ۾ ديني ماحول کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ آهي

حيدرآباد (رپورٽر) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن مياڻ سرفراز جي طرفان هڪ شاندار، باوقار ۽ روح پرور پروگرام ”نورِ قرآن“ جلد منعقد ڪيو پيو وڃي. هن روحاني محفل جو مقصد نئين نسل کي قرآن پاڪ سان ڳنڍڻ، تلاوت جي ذوق کي فروغ ڏيڻ ۽ ٽائون ڀر ۾ ديني ماحول کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ آهي. تفصيلن موجب پروگرام ۾ ٽائون ڀر جي مدرسن، مسجدن ۽ تعليمي ادارن سان تع/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

قمبر ۾ ڊاڪٽر قربان علي مگسي ۽ عابد علي مغيري جي مان ۾ تقريب

پروفيسر ذوالفقار علي ٽنيو پاران مهمان خاص پروفيسر ڊاڪٽر ڪرم حسين وڌو کي گلدستو پيش ڪري ڀليڪار

سنڌ جي ثقافتي سوکڙي اجرڪ اوڍائي، گلن جا هار پارائي سندن چونڊجڻ تي دلي مبارڪباد پيش ڪئي وئي

قمبر (رپورٽر) گورنمينٽ شاهہ لطيف ڊگري ڪاليج قمبر جي پرنسپال پروفيسر ذوالفقار علي ٽنيو ۽ ڪاليج جي ٽيچنگ اسٽاف پاران سنڌ پروفيسرس اينڊ ليڪچررس ايسوسيئيشن (SPLA) پروفيسر ڊاڪٽر قربان علي مگسي کي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29